4867
L.cm...
47 (A)

# سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد

Ed: 2
1983. feb. Ed

ليکڪ: اي. جي. اتم

# سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد

( ٻيون ڇاپو )

## ليکڪ: اي. جي. اتم

Indian Institute of Sindhology * Adipur-Gandhidham *
LIBRARY
Sr. No. 48677
Dt. ...

قيمت سادو جلد ڏهه رپيا
ڪپڙي جو جلد پندرهن رپيا

پهريون ڇاپو (آگسٽ ۸۱) ڪلپنا ڪتاب گهر، سنڌو نگر-۳
ٻيون ڇاپو (فيبروري ۸۳) نئين دنيا پبليڪيشن

پتو: اي-۹، فلورينا، سيٽلاديوي روڊ،
ماهم، بمبئي-۴۰۰۰۱۶ (فون: [redacted])

Phone 4374136

# فهرست


١- ليکڪ جو نوٽ ٦

٢- پهرئين ايڊيشن جو نوٽ ٧

٣- هڪ اڻوسرندڙ وشق ڪهاڻي ١٣

٤- سنڌي ناٽڪ جا هڪ سؤ سال ٢٨

٥- سنڌي ڪهاڻي ۽ سنڌي زندگي ٤٦

٦- سنڌي تنقيد جو جائزو ٧٩



Publisher : Naeen Duniya Publication, B-9, Florina, Sitladevi Road, Mahim, Bombay-16.
Printer : Vashdev G. Wadhwani (Proprietor) 'Sundri Printiug Press', Chembur Colony, Bombay-74.

Indian Institute of Sindhology
L. Criticism
4.867 | 47
10.9.99
Adipur-Gandhidham

# ارپڻ

لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي

چيتنمل پرسرام گلراجاڻي

ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

کي

# ليکڪ جو نوٽ

منهنجن مضمونن جي هن اڳين ڪتاب جي ٻئين ڇاپي پاٺڪن اڳيان پيش ڪندي، سڀاويڪ سرهائي ٿيم ٿي. ڪتاب جي پهرين ڇاپي جو ڏهه سال اڳ، خلاص ٿي وڃڻ جو سبب شايد اهو به هجي ته پهريون پيرو ڪنهن ڪتاب ۾ سنڌي ساهت جي ٽن مکيه شاخن - "ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد" جو ورهاڱي کان اڳ، ۽ پوءِ (١٩٨٠-٨١ تائين) جي سلسليوار ارتقا جو مختصر اڀياس (تاريخ) ۽ آلوچنا (پرک) مکيه ساهتڪارن ۽ ڪرتين جي جهلڪ سان گڏ، ڏنل آهي ۽ اديبن، عالمن ۽ ابياسي پاٺڪن (پروفيسرن، شاگردن وغيره) جي گهرج پٽاندر به آهي.

ڪتاب جو پهريون ڇاپو منهنجي اديب - دوست موهن ڪلپنا ڇاپيو ته ڪجهه اجورو به ڏنائين. اهو پڻ ڪنهن پبلشر طرفان ڇپايل منهنجو پهريون ڪتاب آهي. دوست ڪلپنا، پبلشر طور پنهنجو پاڻ، مون پاپت، ڪتاب اڳيان جيڪو نوٽ ڇاپيو هو، تنهن ۾ هن مولڪي ڳالهائڻ سان گڏ، سنڌيت جي اهڃاڻ کي به ڪجهه نظرثاني ڪئي آهي. ان نوٽ، ڪلپنا کي منهنجن ڪن رقيبن جي ناراضپي جو نشانو بڻايو آهي، پر هو پنهنجي راءِ تي مڪم رهيو آهي. الڪري اهو نوٽ هن ڇاپي ۾ قائم رکيو اٿم، جنهن پڻ پاٺڪن جي پرک جي به پروڙ لاءِ.

- اي. جي. اتم

# اي. جي. اُتم

اي. جي. اُتم، وڏو ودوان، رچنا ۽ آلوچنا ۾ هڪ من وارو، انگري هڪ نظريي جو حامي، جو سندس حق ۾ مارڪسواد آهي. اُهو ابتدائي سالن کان جڏهن پوري انسان ذات، ٻئي عالمگير جنگ وقت وجود جي صليب تي ٽنگي، تڏهن سوچڻ شروع ڪيو: جنگ ڇو ٿي لڳي، ڪير آهي ڪن ٿا. ڪير سامراجوادي، ڦاسڪوادي، ڪالاشاهي، فسطائي، آمريت پسند، رنگ، جاتي، جنس ڀيدي آهن ۽ ڪير امن، اتحاد، ترقي ۽ برابريءَ جا حامي آهن. جدلياتي ماديت جا ڪهڙا اصول آهن، جي مختلف نظامن ۾ صفتي انداز ۾ تبديليون آڻين ٿا، ۽ هن اشتراڪي نظريو اپنايو، جنهن تي هو گذريل چاليهن سالن کان، جبرالٽر جي چٽان جيان اڏول ۽ ثابت قدم رهيو آهي. سنڌ ديس، سنڌي زبان جو شيدائي، سنڌي ادب سان ساري عمر مگن، هو هڪ ڪهاڻي نويس ۽ ترقي پسند نظريي جو لازوال عروضي نقاد آهي.

سترهن ارڙهن سالن جي ننڍڙي جوانيءَ ۾ ڪاليج

جا حامي، شيلي ۽ بائرن جهڙن ڪوين، هوائن ۾ لهرائيندڙ آنچل ۽ ڪامل ڪيٽس، ماهجين جهڙن ساحاب نظرن يا گستاخ مسڪراهٽن ڪيس پنهنجي گرفت ۾ آڻي ۾ اَسقل، جو اِلم، داس ڪئپيٽل ۽ ڪميونسٽ مئنيفيسٽو پڙهڻ باوجود عوام جي ڀلائي لاءِ وچن- بڌ ۽ هندستان جي آزادي لهرڪ ۾ سرگرم ۽ ان عمر کان ترقي پسند جماعت بنديءَ ۾ مستقل اڳڀرائي جي پس منظر ۾، الم جا هيلتائين پنهنجي قوم کي ڏال، مشغولين سان گڏيل چاليهه سال کيس سنڌي ادبن جي پنهنجي الڳ لڏيڙيءَ دليا ۾ هڪ پرش جو درجو ڏين ٿا.

الم، ڏسڻ ۾ هڪ شخص آهي، مگر هو پنهنجي وسيع سرگرمين سان ماڻهن جو مجموعو لڳندو آهي: الم هڪ بولين آهي، جنهن هڪ ئي وقت گهڻا محاذ سنڀاليا آهن. هڪ ئي وقت اخبارن جون سمپادڪيون بدي ڪيسي مان پئسا ڪيڻ ۽ روزاني زندگي جي ڪن خواهشن تان هٿ ڪڍڻ، پڙهو وڻ، پروف ڏسڻ، ليڪن سان وهڻ ۽ رچنائن کي بهتر ڪرڻ، نيپال لاءِ مخزن جا پتا لکڻ ۽ اهي موڪلڻ، سنستائن جون سيڪريٽريون، بدي ادبين کي هڪ محاذ ڪرڻ لاءِ انهن سان الڳ طور ڪڏجڻ، کين پنهنجي آدرش واجهو آڻڻ، ادبي ڪلاسن جون جوابداريون، جڳهه جو بندوبست ڪرڻ، ڪاروباري ڪاميٽي جون ڪچهريون سڏائڻ ۽ اطلاع لکڻ، ڪيڻ،

روانا ڪرڻ، ٽانڪن ۾، آهي اڪائڻ، ڪرائڻ، ٻڌڻون ڪٽڻ، ڪٽائڻ، ٽڪڻون چيائڻ، وڪڻڻ، سالياڻ سميلڻ لاءِ اڪيلو، هڙ ۾ هرلڙ، گوڏ ۾ پتاشا ڪٽي، اُڻ ڏٽل شهرن ۾ خيما کوڙڻ، ڪم ڪندڙن کي گڏ ڪري خوبا ٺاهڻ ۽ في البديع خطبا پيش ڪرڻ، سيکڙو، وقتي هزارين ٻاليڪيٽن جي رهائش، کاڌي پيتي، حاجتن جي مناسب سهوليتن جا اپاوات بندوبست ڪرڻ ۽ ٻاقي ٻچيل وقت ۾ ٻهراڻ ايياس ۽ راند جو ڪي ڪلاڪ نبڊ ڪرڻ، واقعي هڪ شخص جو نه، پوري سنستا جو ڪم آهي، جو سنستا نه، اُن ڪيو آهي.

ايشيائي ليکڪ ڪانفرنس ۾ سندس شرڪت، دهلي جي سڄاڳي، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو جنم، اُن سڀا جي الهاسي ٻوڪا، سنڌي ٻوليءَ جي لسليمي، اُن سڀ جو گهڻو جس اي. جي. اُن کي آهي. چاهي هن سان ڪلهي گڏ ڪم ڪندڙ پاپاٽي، مالهي، سگڻ آهوجا، راهي، پرڪاش، لڇمڻ ڪومل، خاڪسار ڪلپنا، گهٽا ساڻي، رسمي طور ڏپاريءَ جي ٻاجن جيان جيرامداس دولترام، ٽارانداس ملڪاڻي، لعل سنگهه اجواڻي، رام پنجواڻي، ٻوجراج ناگراڻي ۽ صحيح معنيٰ ۾ رهبر طور منگهارام ملڪاڻي ۽ پرسرام ضيا به رهيا آهن.

ڪم ڪندي اُم ڏٺو آ، پر جيڪي اڪجن، ڪن

کي دلداري ۽ آٿت ڏيندڙ، ٻڌجي هزارين پرستارن ۾ ”آدرن سائيو، اچا ٿا، اڳتي“، جي هڪ سٽ سان پڙهائي آسماءُ پيدا ڪندڙ، ٻاجهه ڪڍهن ٿا. اڪو ئي، مايوس نه ٿيو، ڪم اٿان هن چوڻي ته وڙلي. جنهن سبب هند سنڌ جـــي گهڻن اديبن لاءِ هو هڪ دلرنگ ۽ آئيڊيل ٻڌيو جو اچا ٿا آهي.

آلم، جڏهن ”ڏرم ٻگ“ جو ”جيئي سنڌ“ پرچو مرتب ڪيو، لڏهن سنڌي الفابيٽ سان سنڌس سنڌيت، تـــن ٻابت سنڌس چاڻ خواهه ڪن حلقن مان اٿندڙ مخالفت جو اندازو لڳائي، ڊاڪٽر ڏرم وٻر ٻارلي هن لاءِ لکيو: ”ڪتابن، رسالن ۽ دستخطن سان سٽيل ڪمري ۾ مون الم کي صاف سٿرو مگر ڪجهه اداس ڏٺو. مونکي لڳو [هڪ ان شخص ۾] باوجود ڏکن ڏولاين ۽ ودروهه جي، سنڌ ديش زنده آهي.“

جڏهن هندستان ۾ ٻوليوار پرڳڻا ٺهيا ته الـــم جي بدلي بمبئي سيڪريٽريٽ مان احمدآباد ٿـي ته هيجو مختصر ڪتاب- سنڌي المهداڻي، جا الڳ طور ٻلند ٻاني جي ڦڪاراه، هند ۾ سنڌي ادب جي خالون- اول ۽ صحيح معنيٰ ۾ الم جي شرڪ حياس ۽ رفتار زندگي آهي، ته سڀاجهڙون ڏيٺرون آشا ۽ پيار، جن کي هن سنڌي ٻولي ۾ گرئجوئيشن ڪرائي ۽ سنڌي لپي ته سيکاريو- سان ڪري چاء ان ڪتاب کي آرٽڪ طور

S.Criticism



مضبوط رکڻ لاءِ آفيسري ماڻهن ٻيا سنڌي ٻهراڪ جي قلعي جي مهنداري؟ هڪ طرف عهدو ۽ ٻئي طرف آدرش ۽ واقفڪاري! نتيجو؟ الم اوڪري ڇڏي ڏني. اڄين هو ۽ سنڌي پروفيسرن ماڻهي سکيا ٿي، مگر جٽي ڪيس يا سنڌس رفيقه حيات کي آهاملي ٿي، آلي لوڙ جي سوال تي ڪيس / ڪين ڏاهه ڪرڻو ٿي پيو، جو ڪن پڻ ڪيو، مگر هن / هنن نه ڪيو.

شايد ان ڪري جيئن مان سمجهان ٿو، اهن ڪارل مارڪس جي ان ويچار کي جيون ۾ اپنايو آهي ته : ”اهم ڳالهه، اها نه آهي ته ماڻهوءَ وٽ ڇا آهي پر اها ته هو خود ۾ ڇا آهي.“ آدرشن سان جيئڻ ۽ آدرشن لاءِ جيئڻ ئي اوچو جيون آهي.

اصول پرست ۽ ارادن جو مضبوط اُم آخر ۾ انسان آهي، ڪوئي فرشتو ڪونهي. انتهائي خلوص وارو مهذب ۽ ملنسار. هن ڪڏهن به پنهنجو حيدرآبادي پڻو نه ڏيکاريو آهي. مگر مسلسل ڪم ڪندي ۽ نظرياتي طور طويل اُڃو ماڻهندي هو وڌيڪ سڌڪم ۽ گهرو ٿيو آهي. هو ڪاليجي ذهن کان فطرت ۾ بي باڪ ۽ اظهار ۾ جارحانه رهيو آهي، ان ڪري هو سڌو ۽ ٺڪو ڳالهائيندو آهي. حسان ۽ ڳڻن جي مصنوعي ذهنيت کان آجو، قلم خراهه زبان سان منهن تي وڄائي ڪيائين، انڪري لان - ڊپلوميٽ ۽ گهٽ پسند ايندو آهي. انڪري هن

ڪيترا دوست وڃايا آهن. پر هن دوست وڃايا آهن يا دوستن اُصول وڃايا آهن، يا اهي بدلايا آهن يا هو مايوس يا نفسياتي طور ٽٽا ٿي ويا آهن، يا ٻئي ماحول نظام ۾ حقيقت شناس ٿيا آهن ۽ پنهنجو وجود بچائڻ جي جدوجهد ۾ سرگردان رهيا آهن، يا تحريڪ جي ڪارج کان دستبردار ٿيا آهن يا سرڪاري ۽ نيم سرڪاري مفادن جي ڪئمپ ۾، سمسٽاواد جا پڪ ٿيا آهن يا اڃا تي ثابت قدم رهيا آهن، اهي سوال جي تحريڪ جي ڪمال ۽ زوال جا تاريخي مرحلا آهن، جن تي ڪڏهن نه سوچ ضرور ٿيندو.

مون چيو، اهو هڪ دور، اهو هڪ ٻڪ هو، اوڪرايون ۽ ٽڪرايون، محبتون ۽ مفاد ڪٺ ۾ لڪائي، سنڌي اديب هر هفتي هڪ هنڌ گڏ ٿيندا هئا. وڏا آدرش هئا هنن جا ۽ ان لاءِ اڻٽڻ جون وڏيون تياريون هيون. پوري دنيا جي ادبي تاريخ ۾ ان جو ڪوئي مثال نه ملندو. سڀ اُڀرو ٻ آئي ٿي، سڀ لٿو ٻ آئي ٿي. هنن هر مفاد سنڀاليو، انڪري ڪوبه مفاد مضبوط نه ٿيو. هڪ پنهنجي زمين جون محروميون ۽ ٻيو سنڌي زبان جي قومي نا ڪارگرائت - اهو سوال انڪري هيٺ آيل سوالن کي تاريخي پس منظر ڏيکارين ٿا ۽ اسان جي

پوري وجود لاءِ للڪارون آهن. جنهن آشاواد جي روشن مدار لاءِ دائما پنهنجو مقام ٺاهيو آهي، اهو هندستان ۾ فقط هڪ اي. جي. اُتم آهي.

* * * *

شخصي طور منهنجا اُتم سان گهاٽا ۽ گهرا اصولي مت ڀيد رهيا آهن. ٻنهن لاءِ متن جو هتي ضروري آهي. پنهنجي دوستي جان روسو سان آهي. اُتم لاءِ مون ڳالهايو آهي. ڪتاب لاءِ لوهان ڳالهائيندا.

جيئي سنڌ — جيئي سنڌي ٻولي

— موهن ڪلپنا

منگل ٢٥ آگسٽ ١٩٨١

# هڪ اڻوسرندڙ وشو ڪهاڻي

وشو (عالمي) ساهت جي هڪ اڻوسرندڙ ڪهاڻيءَ بابت سوچيان ٿو ته پاڻ کي هڪ اهڙيءَ ڦلواڙيءَ ۾ بيٺل محسوس ڪريان ٿو، جنهن ۾ رنگين گلن جا گل رونق لايو بيٺا آهن ۽ هر ڪو پنهنجي پنهنجي مهڪار سان دل ۽ دماغ کي معطر پيو ڪري.

ڇـــا سنڌ ۾ ۴۳ سال اڳ پڙهيل او. هينريءَ جي ”پڇاڙيءَ جو پن“ اهڙو مهڪار ڀريو گل ڪونهي؟ اُن ۾ ڏيکاريل هڪ چترڪار جو آخرين پن جو ڪيل چتر حياتيءَ لاءِ هٿ ڌوئي ويٺل انسان جو ڀـــرم ٻوري، زندگي ٿو بخشيس.

او. هينريءَ جي بي اهڙي ئي لاثاني ڪهاڻي جا ب. سنڌ ۾ پڙهي هئم سا هئي ”سوکڙي“ (”گفٽ آف مئگي“) جنهن ۾ پتي پتنيءَ جو اٿاهه پيار جو چٽ چٽيل آهي. پتي پنهنجي واچ وڪڻي پنهنجي پتنيءَ لاءِ وارن جي ڪانٽن جي سوکڙي وٺي ٿو اچي ته پتني پنهنجا وار وڪڻي پتيءَ لاءِ واچ جو پٽو ئي وٺي اچي.

او. هينريءَ جون انيڪ ڪهاڻيون پڙهيون اٿـــم. اهي ڏاڍيون وڻيون آهن. ڪنهنجا اا لاڪٽي ڪنهنجا

ڪتابن. فهرست ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سچ ته اهو هيڏري
منهنجو هڪ پيارو وشو ڪهاڻيڪار آهي.

اهڙو ئي پيارو ڪهاڻي نويس چيخوف آهي، جنهن جي ڪهاڻين سان آءٌ ان وقت واقفيت ٿيم، جڏهن حيدرآباد سنڌ جي نيشنل ڪاليج جي مئگزين ”ڦليلي“ جو سمپادڪ چونڊيو ويس. ان ۾ هن جي ڪهاڻي ”من موهڻي“ (دي بيوٽيز) شايع ڪئي هئم. چيخوف ڏيکاريو هو ته ڪيئن نه من موهڻي صورت پنهنجي آسپاس جي ماڻهن جو چت چرايو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن جي ڪم ئي وڃڻ سان هن تي ڪيئن نه اداسائي ڇانئجي ٿي وڃي.

آءٌ ڏيهن ۾ سنڌي ۾ چيخوف جي ٻي هڪ بهترين ڪهاڻي ”انسان جو لاڙو خرابيءَ ڏاهن“ پڙهي هئم. جنهن ۾ ڏيکاري ٿو ته هڪ ساڌو جڏهن پنهنجي ساڌن کي شهر جي وزن کان واقف ڪري ٿو ته هو سڀ رالوواهه پنهنجي تپسيا ڇڏي شهر ڏاهن ڀڄن ٿا. حقيقت ۾ مضمون سنڌي سرو صحيح ته هو چو ته ان ۾ ڪهاڻيءَ جو مطلب سمايل نه آهي. چيخوف ڪي ته ساڌوئڻ جي هرويرو ڀٽڪي ٿي چومت هڻڻي هئي.

حقيقت ۾ پاڪستان، هندوستان، ڪڏهن ڏيکاءُ ڪي جهڙو گهڻو زوردار لهوائي لقاب چيخوف ڪيو آهي، اولو دنيا جي ٻئي ڪنهن به ڪهاڻيڪار نه ڪيو آهي ۽ ان ۾ هو استاد آهي. لفس مداق ۽ چهڪو طنز ۾ به

سندس ثاني ڪو مشڪل ملندو. جنهن کي خوبيون چيخوف جي سنڌيءَ ۾ ورهاڱي بعد، ڇپيل ڪهاڻين "ڪلا جي موري" "اپراڌي" "ڪلاڪار جو موت" "مهمان جا ماڻا" "ڏيکاءَ جا مارايا" وغيره مان به ظاهر آهن.

چيخوف جي انهن خوبين جي جهلڪ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ بهترين امرلعل هنگوراڻيءَ جي "ادو عبدالرحمان" ڪهاڻيءَ ۾ نظر اچي ٿي. ان زماني ۾ پڙهي هئم، جنهن کا ڏهاڙي اديبن، عالمگيريت ۽ ابديت جي ڪسوٽيءَ تي ڪجهه شاهڪار سنڌي ڪهاڻي سڏ ٿي چڪي آهي.

ورهاڱي کان اڳ ڇپيل ڪي بهترين وشو ساهت جون بهترين ڪهاڻيون به ياد پيئون اچن. ترگنيف جي مومڙ، ٽالسٽاءِ جي هرجس پاڻ، پشڪن جي برف جو طوفان، گالسورذي جي دولت يا محبت ۽ جواري ۽ گارشن جي "چار ڏينهن".

۱۹۴۲-۴۱ جي زماني ۾ ٿي گرديو ٽئگور، منشي پريمچند ۽ شرت چندر جي رچنائن جو اڀياس ڪرڻ جو موقعو مليم. ٽئگور جي هڪ بهترين ڪهاڻي "ڪابلي" جا "ڪنت الهڪا" هلڪل وقت جهل ۾، انگريزيءَ ۾ پڙهيم، سا يڪدم ڪٽي ترجمو ڪيم ۽ آزاد ٿيڻ کان پوءِ "هندو سماچار" ۾ ڇپائي هئم. ڪهاڻيءَ جو ڪاڪ هڪ برهمڻ آهي، جو ذات پات جو بندن توڙي گهٽ ذات مان

شادي نه ڪري. جنهن ۾ سندس ٻئي ڪمس ليااڳي نه. اڄ ٤٠ سالن کانپوءِ به ان ۾ ٻاڪ ٽاڪ جا ڪي آخرين لفظ ڪڍڻ ۾ ٻيا وچن - "مان ٻڌڻي ٻڌيءَ کي نه ليااڳيندس. مونکي ذات پات جي پرواهه ڪانهي."

انڪانپوءِ ننڍڪور جون لڳ ڀڳ سڀ ڪهاڻيون پڙهيون اٿم. ڪيترن ئي ڀيرا لکيون اٿم. جهڙوڪ: ڪابولي والا، ماسي، گونگي ڪنوار، بادل ۽ ڪرڻا، آخرين خط، آخرين بات وغيره.

اهڙيءَ طرح پريمچند جون به، اڪثر ڪري سڀ ڪهاڻيون پڙهيون اٿم ۽ ڪيترن ئي ڀيرا-ن لکيون اٿم. جنڪي اڄ به پڙهڻ سان دل کي راحت ۽ دماغ کي طراوت ملندي آهي. انهن مان به "ڪفن" ۽ "سياري جي رات" خاص اهم آهي جو انهن ۾ پريمچند هڪ نئين ڌارا ڏني آهي. (انساني لوٽ کسوٽ جي ۽ چٽ چٽڻ جي ڌارا) جنهن هندستاني ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو.

هن نئين ڌارا جو باني هو جڳ پرسڌ ليکڪ مئڪسم گورڪي. ان ڌارا جو اثر اڄ سڄي دنيا جي ساهت تي ڇانيل آهي. اها ڌارا پڌائي ٿي ته انساني سماج ۾ جيڪا بي انصافي ڦهليل آهي، سا مڙني طبقي جي لوٽ کسوٽ جو نتيجو آهي، جنهن خلاف جد وجهد ڪرڻ ضروري ٿيندي. ان لاءِ هملن ٻڙال طبقي ۾

اها سڃاڻپ، اهو سومان جو الڳ، ان لاءِ همدرديءَ جو
جذبو جاڳائڻ ضروري آهي. دنيا ڌرم جي بنياد
تي نه، پر محبت، برابري ۽ عزت جي بنياد تي.

اهڙي اعليٰ ادب جي اتهاس جو موقعو ۾ ۱۹۴۱-۴۲
جي قومي هلچل واري زماني ۾ مليو. ۽ هن جي ٿي
هڪ ڪهاڻي آهي، جيڪا وشو ساهت جي هڪ
اڻ وسرندڙ ڪهاڻي آهي. انهن نه هڪجهڙي ٻڌن ڪان مٿي
ڪهاڻين - چوٿين ماڻهو ۽ هڪ ڇوڪري، سرءَ جي هڪ
سانجهي، لولي، مڪر شدرا، ٻڍي لازرگل، چيلڪش،
انسان جو جنم، مار ٻوٽين ڇوڪري، هڪ ناٽڪ، ساٿو،
ڪاليمن، ڪبن، نيلشڪا وغيره ۾ سانجهو ئي جادو ڪيو
آهي مون ٿي، پر انهن مان هتي هڪ ئي ذڪر ڪرڻي
اٿم، جا آهي "سرءَ جي هڪ سانجهي" هيءَ ڪهاڻي
سنڌيءَ ۾ چار ڀيرا دفعا ڇپي آهي.

هيءَ ڪهاڻي آهي ننڍڙي، پر وڏي جي ڳنڍڙي
آهي- وڏي جو انسانيت سماج جي رڳ رڳ ۾ ڀريو پيو
آهي، بي انصافي جو وڏو، جنهن خلاف انسان آد جڳاد
کان بند ڪندو آيو آهي ۽ ڪندو رهندو. هن ڪهاڻيءَ
جي نائڪا تاتاشا ان انسان جو ئي روپ آهي.

تاتاشا هڪ اها استري آهي جنهن کي دنيا ٻهڪندي
دسترخوان تان ڌڪاري ڇڏيو آهي. هن کي هڪ ولهيا
ٻڌائي رکيو ويو آهي، جنهن مرد جي ڪام-واسنا پوري

ڪري سگهي ۽ پنهنجو پيٽ به پالي سگهي. هوءَ هڪ
ونيا آهي، ڪرال عورت آهي، پر سنڌس اندر ۾ اوچ
آما آهي. هوءَ ڪنهن کي پنهنجو بڻائي، پيار ونڊڻ لاءِ
چاهي، هن سان همدردي جتائڻ لاءِ چاهي ۽ مدد جو
همت ڏيکارڻ لاءِ چاهي ۽ اهو سڀڪجهه پنهنجي ڀرپم
”پاشڪا“ لاءِ ڪري ٿي. ليڪن پاشڪا انسان جي
وس ۾ حيوان آهي. هو استريءَ کي فقط پنهنجي موج
مزي جو وسيلو ٿو سمجهي. ۽ الاشا کي راندڪو بڻجڻ
لاءِ چاهي. هنگي سماوڪ مرد جي حيوانيت لاءِ نفرت
آهي. پر مرد ذات لاءِ بغض ڪونهي، ڌڪار ڪونهي؛
جوش آهي، غصو آهي. جنهن ڪهاڻيءَ جو ”ماءُ“ ڪردار
پيدائش ٿو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اليشي هوءَ مردن کي
گارڙيون ڏئي ٿي ۽ اليشي جڏهن هڪ مرد کي سڀ ۾
ڪنهندو ۽ ڪراهيندو ڏسي ٿي ته پنهنجا سڀ ڏک
سور وساري هن کي ڪول پائي پيار ۽ همدرديءَ سان
آسائش ڏئي ٿي. نه فقط ايترو پر هن کي همت ڏئي ٿي،
مدد جو همت ڏيکاري ٿي. الاشا جي ڪوشتا ”ماءُ“
ڪردار جي دل ماءُ سڀ گندگي ۽ برائي، بيوقوفي ۽
۽ اي آراهي ڌوئي ٿي ڇڏي.

آهزن، انسانيت سان ٿمار ليل، انسان کي انسانجي
سڌريل سماج اڳوڻ ڪري سمجهي ٿي ۽ انجو پڙهيل
ڪڙهيل طبقو رڳو پنهنجي علم ۾ ۽ ڪرش لهر هوائن

لهڻ ۾ ئي پورو آهي، جنهن ”مان“ ڪردار چوي ٿو،
”ڇا نه فنڪار آهي مون ۾! منهنجي ته ڪهڙي نه
وچتر حالت هئي. ذرا سوچيو ته سهي! مان جيڪو ان
وقت انسان ذات جي آئينده بابت سوچڻ لڳو هوس،
هاڻوڪي سماج کي ڊاهي نئين نموني جوڙڻ جا سپنا ڏسي
رهيم، راجنيتي اٿلن پٿلن جون ڪلپنائون ڏسي ڪنهن
علمي ڪتاب بابت پڙهيم.... تنهن کي هڪ معمولي
وڻشيا منهنجي بدن سان گرمي ڏيئي رهي هئي. هوءَ
هڪ ڏکي، گهايل ۽ بيزار وڻشيا هئي، جنهنکي سماج ۾
ڪو به درجو ڪونه هو، ڪوئي ملهه نه هوس ۽ جنهن
کي مدد ڪرڻ جو مان جيڪر ڪڏهن به خيال نه
ڪريان ها، سا وڻشيا مونکي مدد ڪري رهي هئي....“

”مان“ ڪردار جيڪو سڄي سماج جو عيوضي
آهي، سو هڪ ڪنگال سماج جي عيوضي جي بنسبت ۾
ڪيڏو نه ننڍو پيو لڳي. هو ڪيڏو نه خود غرض، ڪيڏو
نه سهارو چاهيندڙ، ڪيڏو نه ڪمزور ۽ ڪاتر آهي.

ليڪن اناشا جو ڪردار بلڪل بي غرض، بي پرواهه،
آزاد ۽ بي باڪ آهي. هن کي زندگي مصيبت ڀري
ڀاسي ٿي ته به ان لاءِ شڪايت نه اٿس. سوچي ٿي،
ڪڙهڻ ڪرڻ مان ڪجهه نه ورندو. هوءَ لڙي ڄاڻي
ٿي ته مري به ڄاڻي ٿي. هوءَ بي عزتي سهڻ ڄاڻي ٿي.
پر پنهنجا ڏک سور وساري، مدد ڪرڻ ڄاڻي ٿي.

نتاشا جو پيارو ڪردار وشو ڪهاڻي ساهت جو هڪ امر ڪردار آهي، جنهن کي فقط گورڪي ئي ٺاهي ٿي سگهيو. گورڪيءَ کان اڳ اهڙن ڪردارن کي برابري ۽ بلنديءَ جو اهڙو درجو ڏنو ئي نه ويو هو. گورڪيءَ جيڪو گند ۾ پيل گلن جو حسن ڏٺو ۽ ڏيکاريو آهي، سا هن جي خاص دين آهي. هن هيٺين طبقي جي ڪردارن لاءِ جا همدردي پيدا ڪئي هئي سا جهوني زماني واري ديا ڌرم جي بنياد تي نه، جنهن گورڪيءَ کان اڳ ٽينڊو بڻي آيو هو ۽ پر برابري، همت ۽ عزت جي بنياد تي. هو انهن ڪردارن لاءِ نفرت نٿو جاڳائي جن ۾ ڪن ليکڪن ڪيو آهي، مگر ان سماج خلاف نفرت ٿو جاڳائي، جنهن جا هي ڪردار شڪار آهن. جنهن هن جي انهن فقط نگاهه. ڪانشس تقاضا ڪري ٿي. انگريزي عورت جي وڏائي ڪندي به هن اهو خيال رکيو جنهن اها مردن جي خلاف نه وڃي، جنهن هن ڪهاڻيءَ جي نائڪا نتاشا وانگر ۾ ظاهر ڪيو اٿس جو نه هو استري پرش جي برابري جو قائل آهي.

هن انهيءَ ڪري موپاسان ۽ چيخوف جي ڪهاڻين جي ساڳين ڪردارن سان ڀيٽي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندس. موپاسان جي مشهور ڪهاڻي آهي ”بال آف فيٽ.“ ان ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن هڪ ولنديز جا هڪ جرمن آفيسر کي پنهنجي عصمت وڪڻڻ کان انڪار

ڪرڻ جي بهادري ڏيکاري ٿي، لڙهڪي ڪري پنهنجا
ٿي ڦرهنج واپاري ليکڪ انهن ڪرڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا ۽
موقعت ۾ هو ساڻس همدرديءَ جو ورتاءُ ڪرڻ بدران اهڙوس
جو ورتاءُ ڪن ٿا ۽ "هڪ رڍي چيز سمجهي ٺوڪارين
ٿا." هوءَ شرمساريءَ وچان "لڳاتار روئندي رهي ٿي."
ساڳيءَ ريت موپاسان جي ٻين ڪهاڻين ۾ به وڪڻيا
لاءِ نفرت ڏيکاريل آهي. البت ڪن ڪهاڻين ۾ وڪڻيا
لاءِ همدردي به ضرور ڏيکاريل آهي پر ديسا وچان.
سرسريءَ طور سندس رخ عورتن جي باري ۾ سٺو نظر
نٿو اچي. ڪيترن ئي ڪهاڻين ۾ان هڪ بي وفا عورت
جو ڪردار اڀرندو نظر اچي ٿو. هڪ اهڙي ڪهاڻيءَ "دي
آرڊري" ۾ هڪ عورت والان ني چوائي ٿو. "جڏهن
هڪ استري ڪري ٿي ته هوءَ سدائين هيئن ڪندي
ٿي وڃي." ۽ ان عورت ڪسي هو اهڙو ڪريل ٿي
ڏيکاري ٿو.

انهي اهڙو گور ڪيم جو رخ اهو آهي جو هو ڪريل
استري لوڙي پرش کي اوچي ڳالهه ڪڙو ڪرڻ چاهي ٿو.
هر انسان کي "فخر ڪندڙ انسان" جي خطاب سان
نوازي ٿو.

اهڙيءَ طرح چيخوف جي هڪ مشهور آکاڻي آهي
"الڪترس" جنهن ۾ ناٽ وڪڻيا لاءِ حقارت ڏيکاريل آهي
۽ ڪيس "واهيات" "فاحش" "ڪريل" وغيره لفظن سان

لوازمو وڌو آهي. حقيقت ۾ چيخوف جو رخ موپاسان جي رخ کان گهڻو بلند آهي ته ۾ اهو گورڪيءَ جي رخ جهڙو برابري ۽ ڀي ڀاڪيءَ وارو ڪونهي. هن جا ڪي استري ڪردار جهڙيون گولڪيون ڳالهيون آهن. مثال طور "ڊارلنگ" ڪهاڻيءَ جي نائڪا، جيڪا هڪ ڳل ۾ تقدير کان ڪاڀوڙ ٿيو ڳل ڪري اڳيان جهلڻ جي قائل آهي. گورڪيءَ اهڙيءَ ڏارا کي ڏک هٽي گولڪن انسان کي زبان عطا ڪئي.

موپاسان ۽ چيخوف جي ڀيٽ ۾ او. هينريءَ جو استريءَ جي ڀاري ۾ رخ گورڪيءَ جي رخ جي وڌيڪ ويجهو آهي. اهو وڌيڪ همدردانو، ڀي ڀاڪ ۽ برابريءَ وارو آهي. جئن سندس ڪهاڻين "لڪ ڀيڻي اوَر" "سروس آف لور" "گفٽ آف مئگي" وغيره مان ظاهر آهي.

اٿين آهي ته ڀنهنجي زندگيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ موپاسان ۽ چيخوف جو استريءَ جي ڀاري ۾ رخ ۾ ڪجهه ڦيرو نظر اچي ٿو. چيخوف جي آخرين ڪهاڻي آهي "ڪنوارو" جنهن جي بهادر نائڪا آهي ناديا. هوءَ ڀنهنجي مڱڻي (جو سندس مرضيءَ سان نه ٿيل آهي،) جي ڀرواهه نه ڪري گهر ڇڏي وڃي ٿي. "هوءَ ڀنهنجي زندگيءَ ۾ انقلاب محسوس ڪري ٿي" ۽ حياتيءَ جي بهتريءَ لاءِ ڪجهه ڪرڻ چاهي ٿي.

هيءَ ڪهاڻي ١٩٠٣ ۾ لکيل آهي، جڏهن روس ۾

انقلابي حالتون هيون. اُن وقت گورڪيءَ جي ڪي ٻاڪ ڪردارن ڌوم مچائي ڇڏي هئي. جنهن جو ذڪر چيخوف جي ٻئي ڊرامي "ٻادگيران" ۾ ٺاٺ ڪيو آهي ته چيخوف ۽ هوءَ گورڪيءَ جون نيون ڪهاڻيون ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي پڙهندا هئا وغيره.

گورڪيءَ "سرءَ جي هڪ ساٿيءَ" ڪهاڻي ۱۸۹۴ ۾ لکي، جيڪا ڪيترن انتر راشٽري (عالمي) ڪهاڻين جي مجموعن ۾ بار بار ڇپي آهي ۽ ڀيترن ليکڪن ورتي آهي. جڏهن ۱۸۹۸ ۾ گورڪيءَ جو پهريون مجموعو، (جنهن ۾ ستن ڪهاڻيون اٺ هئي) ڇپيو، تڏهن اُن لاءِ چيخوف لکيو هوس، "تنهنجون سڀ رچنائون سنگيت مئه آهن.

گورڪيءَ جي هر ڪهاڻي ۾ سنگيت مئه آهي. قدرت جو بيان نهايت شاعراڻي ٻوليءَ ۾ ڪيو اٿس. ۽ الڪي ايا جان ٻخشي اٿس جو ايا انساني جيوت جو انگ ٻڻجي ويئي آهي. ڏسو ڇا ٿو لکي:

"لهرن جي ڌيمي ڌيمي سان جڏهن بارش جو آواز ولـي ملي ٻڌي ڏانهن ٿي وڃو، تڏهن اُهن ٿي محسوس ٿيو، جڻ ڌرتي ٻاڪ وقت اوجل اونهاري بدران ٿڌي مٺول ۽ ڪلهل سرءَ ڪي ڏسي، ٿڪ ۽ ماندگائي وچان شوڪارو ڀري ٿي، جنهنجو انت نظر اچي ٿي آيو. اُن ٿي هوا وري اِڙ ٻڙ ڪندڙ ڳالهيءَ ۽

۽ سڀئي ڪنواري مٿان اڀرندي پڙهندي الاجي ڪهڙا دل
جهوريندڙ گيت ٿي جهونگاري رهيا." اهڙا دلڪش پيا نه
ٽڪر آهن.

سچ ته قدرت جي ان عاليشان تصوير ڪشي واري
پس منظر ۾ ان انسان جي معصوم جذبات جو اظهار دل
اندر ٻرندڙ درد جو دونهون ٿو ڏيکاري- ”زندگي نه ڇا ته
مصيبت آهي.... ڪاش ڪنجهي ڪري سگهجي....“

ٻنهي ڪردارن جي محبت کي گورڪي لطافت
نزاڪت ۽ نفسياتيءَ ۽ معصوميت سان هڪ طرف پيش
ڪيو آهي ته معنوي پهلو ٻئي طرف ڏيکاريو آهي. ”مان“
ڪردار واتان چوائي ٿو، ”هــوءَ مونکي چڱي لڳي...
آئيڪ بار.... ٻيا ڪنهن غرض جي.... منهنجي زندگيءَ ۾
ڪنهن ڪجهه وٽان مليل هي پهريون مٺيون هيون ۽ آهي
سڀني کان سٺيون هيون ڇو ته ان کان پوءِ جون مٺيون
مونکي هميشه مهانگيون پيون آهن ۽ انهن مان هڙ ٻڌڻ
۾ ڪي نه پيو آئم.“

ٻيو ڪو ليکڪ جيڪر ان ڳالهه ۾ جنسيات (ڪام)
اڀارڻ جي ڪوشش ڪري ها جيئن اڄڪلهه جا ڪي
جديد ترين ليکڪ ڪندا آهن.

گورڪي هن ڪهاڻيءَ ۾ مدو وڪڻندڙ جهڙي ٻارڙي
آهي. هن ڏيکاريو آهي ته ڪيئن نه اڪيلي انسان جو من
پياسو هجي، ليڪن مريادا جا واهار وساري ٿو وهي جئن

”مان“ ڪردار چوري ٿو. ”مان“ ڪردار جهڙو سڌريل
سماج جو انگ آهي انهي ۾ ڪيڏي نه جهجهڪ
آهي. پنهنجي من جي روح کي روڪڻ لاءِ ڪالهه ٿي
قرباني ڏئي ٿو ڪري. ٿڌ ۾ ٺڙڪي پيو پر ٻاهران ٻرو
رکندو ٿو اچي. ليڪن جڏهن هوءَ ڪيس اچي ڀاڪيءَ سان
مدد جو هٿ ڊگهيري ٿي ته هنجي آسن جي سيلاب
جو بند ٽٽي پوي ٿو. جنهن ۾ سندس دل جو گند ۽
غبار ڌوپي ٿو وڃي.

ٻئي طرف گورڪي استريءَ جي منو وگيان ۾ ڀـ
ـرپور ٿو ڏيکي. استريءَ جـو ڪنهن هڪ پرش کي
پنهنجو ڪرڻ ۽ پيار ڪرڻ جي تمنا عالم آشڪار آهي.
انڪري جڏهن نتاشا جو پراڻي پين استرين سان سندس
ساٿيون محبت جا کيل ٿـو کيلي تڏهن نتاشا جو من
پاهه جـو ٽڪرو ٿڪجي ٿو پوي. ليڪن ساڳئي وقت
استريءَ جي دل جيڪا همدردي ۽ ڀرمائيءَ سان ڀـ
ـرپور آهي سا ڪيئن نه سهڻي مـرد هٿان ٿيل
بي عزتيءَ کي وساري ٿـي ڇڏي. ”ڪاش! هن کي
گراوٽ جو احساس نه ستائي چو ته اُن مان ڪيس اجائي
پيڙا ٿيندي.... اُن پيڙا مان زندگيءَ جي ڪا اُتي ا—
ته ته ٿيڻي آهي.“ مان ڪردار جا هـي لفظ ان منو
وگيانڪ جهلڪ جي چرڻي آهن.

ان مان صاف ظاهر آهي ته گورڪي هن ڪهاڻيءَ

۽ ٻنهي خارجي ۽ داخلي پهلوئن جو چٽو چٽيل آهي
جيڪو دل کي راحت ڏئي ٿو ۽ دماغ کي طراوت
ڏئي ٿو، جا ئي ۽ هڪ ڪامياب ڪهاڻيءَ جي
ڪسوٽي آهي.

گورڪيءَ ڪهاڻيءَ جي وچ ۾ طنزي ۽ فيلسوفاڻا
نقطا به ڏنا آهن، جيڪي اهڙيءَ ۽ سچائيءَ سان ٺهڪار
آهن، جو حوالن طور ڪم آڻڻ کان سواءِ رهي نه سگهبو.
مثلا:

اڄڪلهه جي سڌريل سماج ۾ من جي پڪ ٿي، ٿن
جي پڪ کان سولي مڃائي ٿي سگهجي.

پڪائيل جو من پاول جي من کان سدائين وڌيڪ
قوت وارو ۽ صحتمند آهي.

”ڪنهن گهر وارن ساراهه جو هڪ گفتو اهڙو نه
پيارو لڳندو آهي، جهڙو ساري جهان جي سيڙهي قدم
۽ جديد فصيح زبان جي ساراهه جو داستان به
نه لڳي“

گورڪيءَ جي ڪهاڻيءَ جي عبارت سليس ليکندي
آهي، جيڪا هڪجهڙي پرهجهي اڄي عبارت آهي جنهن
۾ وڌ وڪڙ نه هوندو آهي، سڌي سنئين ڳالهه هوندي
آهي، جيڪا هڪجهڙي ڪمال هنئين طبقي جي ڪردارن
۽ مسئلن ۽ خيالن سان لهڪندڙ هوندي آهي جنهن جي
ڪهاڻيءَ مان به ظاهر آهي. اڄ ڪلهه ڪهاڻي جي

عبارت - پلاٽ ۾ ٿورن اضافو ٿيو آهي، ۽ الڳ ڪري
اهڙي عبارت مان خارج ڪيل ٿي آهي. ٻاٽ گورڪيءَ
جي موضوع لاءِ موزون آهي. اهو بناوت ۽ روپ جو
مدِ مقابل آهي، جنهن ڪري هن ڪهاڻيءَ جو جادوءِ
جهڙو اثر ٿئي ٿو ۽ تماشا جو ڪردار وسري نه ٿو
وسري.

# سنڌي ناٽڪ جا هڪ سؤ سال

## سنڌي ۽ ٻين ٻولين ۾ ناٽڪ

١٩٨٠ ۾ سنڌي ناٽڪ جي صدي (شتابدي) هند سنڌ ۾ سنڌين ڏاڍيءَ امنگ ۽ اُتساهه سان ملهائي. ڪي ناٽڪي جشن ۽ جلسا ٿيا ته ڪي سيمينار. اُسو ٿيا ته ڪي ناٽڪ جي اتهاس ۽ اُن تي ڪتاب لکيا ۽ ڇپيا. سنڌ ۾ ٿي ناٽڪ جي صديءَ ۽ تفصيلوار تاريخ لکڻ لاءِ وسيع وجهه آهن، پر اهڙي ڪا تاريخ اڃا نه لکجي سگهي آهي. البت ناٽڪ صديءَ جي موقعي تي هڪ سووينئر نڪتو آهي جنهن ۾ ورهاڱي کان اڳ واري ناٽڪ بابت سرڳواسي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي "سنڌي نثر جي تاريخ" مان ئي تمام گهڻو مواد ڪٽيو ويو آهي ۽ ورهاڱي بعد جي سنڌ ۾ ڇپيل ۽ اسٽيج، ريڊيو يا ٽي. وي. تان پيش ٿيل ناٽڪن جو به مڪمل احوال (پر مختصر ئي سهي) ڏنو ويو آهي. مثلا ان سووينئر ۾ ١٨٨٠ کان ١٩٨٠ تائين ڇپيل وڏن ۽ ننڍن ناٽڪن جي فهرست ڏني وئي آهي، پر اُن مان به سنڌ ۾ ڇپيل ڪافي ناٽڪ عدم پيدا آهن. الاجي ڇو اُن ۾ آدرش، روح رهاڻ، مارئي، انسان، سچ دا گهست،

سيٺي وغيره. مخزن ۾ ڇپيل ناٽڪ نه ڏنا ويا آهن. جڏهن سنڌ ۾ ۽ ٻاهرين ساهت لاءِ ٻوراون حقيقتون ڪٺيون اڻيون ڪري سگهجن ٿا. ٻيو هتي اهو ڪم ڪرڻ جو هماليه جبل سان مٿو ٽڪرائڻ آهي.

سنڌي ناٽڪ جي اتهاس جي اڀياس لاءِ اسين ڀارتي ٻولين لاءِ نظرثاني ڪندي نظر آيو ته سنڌي ٻوڙي آهن ٻولين جو ناٽڪ لڳ ڀڳ ساڳئي وقت اسريو هو ته انجو رنگ ڍنگ، ويس وڳو، گفتار رفتار ۽ ساز سامان ۽ گهڻو ڪري ساڳئي معيار جو هو. مرهٽي موسيقي ناٽڪ ۽ ٻنهي جي صدي اڃا تازو ملهائي ته هندي ناٽڪ جي ٻاني ڀارتينڊو به ١٨٨٠ ۾ شيڪسپيئر جو ٻهراون ناٽڪ الٿو ڪيو هو. تامل، تيلگو، ڪنڙ، گجراتي ٻولين ۾ به ناٽڪ ١٨٨٠ کان ڪجهه سال اڳ ئي لکيو ويو هو. اردوءَ جي ناٽڪ جو ابو آغا حشر ته جاڻو ٿي ان زماني يعني ١٨٧٩ ۾ هو. سنڌيءَ وانگر هنن ٻولين ۾ به ٻـهراڻ شاسترن پراڻن تي ٻڌل ناٽڪ (مذهبي) ٻيو شيڪسپيئر جا ۽ ٻيوه حقيقت نگاريءَ جا ناٽڪ لکيا ۽ پيش ڪيا ويا. انهن ۾ به شروعات ۾ ناٽڪن ۾ زالن جي ڪردار هوندي هئي ۽ زالا پارٽ به مرد ڪندا هئا. ناٽڪ جا ٿيٽر به ڪن ٻولين ۾ سنڌيءَ واري سال ۾ نڪتا هئا. مثلاً روشيا ۾ مشهور ناٽڪ اداڪار ۽ هدايتڪار اسٽئنسلاوسڪي ٻنهجو ٿيٽر ماسڪو آرٽ

ٻيو ۱۸۹۸ ۾ کليو جنهن ڀاران ٻاران ڇنڊوف ۾
مئڪسم گورڪي جا ناٽڪ پيش ڪيا ويا هئا. سنڌ ۾
ڀاران ناٽڪ منڊلي ٺهي، جا سنڌ ڪاليج (ڪراچي)
۾ ۱۸۹۴ ۾ ٺاهيا ٿي هئي.

ناٽڪ صدي جي موقعي تي سنڌ لوڙي هند ۾
ڀرتين سنڌي ناٽڪ مرزا قليچ بيگ جي "ليلي مجنون"
تي واد ووا ٿيو آهي ته انکان اڳ ڀاڱو ون ناٽڪ "هير
رانجهو" هو جو شاعر امام بخش خادم جو ۱۸۷۹ ۾ لکيل
هو، پر جڏهن ڀتول لطف الله بدوي اهو "شايع ٿي ٿي
نه سگهيو" هو ته پوءِ مرزا جي شايع ٿيل "ليلي مجنون"
کان ڪيئن اڳ ليکبو؟ ان هوندي به سنڌي ناٽڪ جو آبو
ته مرزا قليچ تي سڏبو جنهن تي هڪ ٻئي پٺيان ۳۰ کن
ننڍا وڏا ناٽڪ لکي آڇي ٻڌه پڌتي ڪئي.

گذريل ۱۰۰ ۾ سنڌي ناٽڪ ۽ اسٽيج سڄي پڇڙ
زبردست ترقي ڪئي آهي. ان ترقي ۾ ناٽڪ لکندڙن،
ناٽڪ ڪندڙن، سنڌي سماڄن، مخزن ۽ اخبارن ۽
رسالن وڏو ڀاڱو ادا ڪيو آهي. آزاديءَ کان اڳ سنڌي
ناٽڪ ۽ اسٽيج ڦرهه جوانيءَ تي وڃي رسيا هئا. ليڪن
ورهاڱي جي اوچتي آفت سنڌي ناٽڪ کي اصل
لکهوسار ڪري ڇڏيو. ترو ساهي پٺي سنڌي ناٽڪ ۽
اسٽيج اڻئون جنم ورتو ۽ هتي لڪڙو ترقي
ڪري ورهاڱي کان اڳ واري حالت کان به اڳتي وک
وڌائي ورتي آهي.

## سنڌي ناٽڪ جو ابو

سنڌي ناٽڪ جي عمارت جو اڏيندڙ "مرزا قليچ بيگ" هڪ سؤ سال اڳي وڏو ناٽڪ "ليلي مجنون" لکيو، جيڪو سڄو شعرن ۽ راڳن ۾ هو، جنهن اُن زماني ۾ رواج نه هو. هن ڏيڍ ٻن کن وڏا ناٽڪ ۽ ٻن کن ننڍا ناٽڪ (ايڪانڪي) لکيا. انهن مان اڌ کن وڏا ناٽڪ ته شيڪسپيئر جا ترجما هئا ۽ باقي اردو، گجراتي ۽ ڪاليداس جي "شڪنتلا" جو الٿو هئا. هن کن ناٽڪن ۾ ڪجهه قدر گهڻو ڪري هندو مسلم ايڪتا جو مقصد رکيو هو ۽ جيڪو اڄ به ڏاڍو اهميت وارو آهي. اهڙي هڪ ناٽڪ "موهني بائي" جو ٿي سنڌي جيوت ۾ الٿو ڪيل هو، جي ٻاڙي ايڪتا جي گيت سان ڪٿي انس، جنهنجون ڪجهه تڪون آهن: "ٻڌون ٿا شنک ۾ ڪڏهن، اهين آواز شنڪر جو. ڪڏهن نعرو ڪنن تي ٿو پوي الله اڪبر جو. وساريو ذات جو سڀ فرق، تعصب جا نه لازم ٿيو. اسان واڪر ملي پيو گڏجي هڪ هندو مسلم ٿيو." باقي ٻين ناٽڪن ۾ سنڌي جيوت نه هئي. البت الٿو ڪيل ناٽڪن سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪيو ۽ عوام ۾ مقبول بڻايو ۽ ان ۾ ڪم آندل سنڌي راڳن، سرن، بيتن، ڪافين، ڏوهيڙن کي به اوچ ڏني.

مرزا جا هي ناٽڪن جا ڪتاب ۽ ٻيا ٣٠٠ کن

چونڊ ڪتاب ۽ ١٥٠ کن اڻ ڇپيل دستخط ڏسڻ جو شرف مون کي به مليو، جڏهن ١٩٦٤ ۾ شاهه لطيف جي ورسي لاءِ مليل دعوت تي سنڌ جي سفر وقت مرزا صاحب جي فرزند مون کي ۽ سنڌيءَ کي حيدرآباد ۾ پنهنجي گهر ۾ چانهه پارٽيءَ تي گهرايو هو ۽ ليکڪن جي گڏجاڻي به رکي هئي، انهي تي هنجي ١٨٨٧ ۾ ڇپيل ٻئي نمبر ناٽڪ "خورشيد" جو ڏهون ڇاپو ڏنم.

سنڌي ناٽڪ جو پهريون دور جيڪو ١٨٨٠ کان وٺي صديءَ جي شروع تائين ٢٠،٢٥ سال هليو، تنهن ۾ اڪثر ناٽڪ ڊرامي، مذهبي ۽ اتهاسڪ جيون سان واسطو رکندڙ هئا. ان دور ۾ مرزا قليچ بيگ سان برابر وارو ناٽڪ نويس هو ديوان ليلارام وطنمل، جنهن اڌ درجن ڊرامي وارتائن ۽ ٻه وڏا وهاڻ ۽ ڊرام بدلائڻ جي مسئلن تي وڏا اصلوڪا ناٽڪ (مهن-تارڪا - ١٨٩٦ ۾ ۽ سورجن راڻا - ١٨٩٧ ۾) لکيا هئا. ان لحاظ کان ليلارام ئي سنڌي اصلوڪا ناٽڪ لکڻ وارو پهريون ناٽڪ نويس ليکبو. ڪجهه وقت پوءِ شاعر بيوس به ڊرامي وارتائن تي ٥-٦ ناٽڪ لکيا. انهن کان سواءِ هڪ ٻه ڊرامي يا اتهاسڪ وڏو ناٽڪ ٻين ٻه چئن پنجن ليکڪن لکيو هو.

ان زماني جي ڪن حالتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ناٽڪ لاءِ اڪٽر ۽ ڏسندڙ هٿ ڪرڻ ڪيڏو نه جانبازي

جو ڪارنامو لکيو هو، جو نه ملول ٻانڪومل کي. ٽڏاڻي
اُن سمي ناٽڪ، راڳ ۽ ناچ لئي ديوان جو جٺ نه آرڊيننس
لڳل هو. مثال آهي جو ڪو به ٻار واهي ڳائي يا ناٽڪ
ڏسڻ وڃي. اهڙو ذڪر ليلارام وطڻمل به پنهنجي ناٽڪ
"موهن ڪارڪا" جي مُک ۾ ڪيو آهي. جنهن سنڌس پوني
هيرانند ۽ مونکي هتي پڙهايو.

## شيڪسپيئر جي ناٽڪن جو دور

ناٽڪ جي ٻئي دور کي شيڪسپيئر ناٽڪن جو دور
چوڻ ۾ ٺيڪ ٿيندو. هي دور ٢٠-٢٢ سال هليو.
شيڪسپيئر جا ناٽڪ اُڳئين دور جي ڪرامتي ۽ ڌرمي
واقعن جي بنسبت ۾ ڪردار نگاري وارا ناٽڪ هئا. اُنهن
۾ سماجڪ مسئلن ۽ قدرن جي ڪشمڪش ڏيکاريل
هئي. ٻر ٻنهي دورن جي ڌارا رومانيت واري هئي،
جنهن ۾ حقيقي زندگيءَ بدران ڪلپنا ۽ جذبات تي زور
ڏنل هو. اُنهن ناٽڪن جون اڪثر ڪهاڻيون ديوتائن،
راجائن، پرين، شهزادن ۽ لوان ٻاٻت هيون.

مرزا قليچ بيگ، ڪانسواه شيڪسپيئر جا ناٽڪ ترجمو
ڪندڙ هئا: عثمان علي انصاري، جيٺمل پرسرام،
ٻيرومل مهرچند، ناراڪرام مهرچنداڻي ۽ ٽهرڦڪ ٻسمته.
اڄ مشڪل آهي ڪي شيڪسپيئر جا ناٽڪ هوندا جيڪي
سنڌي ۾ ترجمو نه ٿيا هوندا.

هن ٻئي دور ۾ اسٽيج ايتري نه ترقي ڪئي جو

لکيل ناٽڪن مان گھڻا پيش ڪيل ھئا. نہ رڳو ايترو پر ناٽڪن جون ٽڪيٽون اڳواٽ خلاص ٿي وينديون ھيون ۽ ھال ڀريل ھوندو ھو، جيڪا حالت مڪمل طرح اڄ ڪانہ ٿي ھئي نہ ٿي سگھي آھي. ڪمال تہ اھو آھي تہ انھن ان دورن ۾ ننڍا ناٽڪ، وڏن ناٽڪن جي ڀيٽ ۾، ڌرمي يا اتھاسڪ جيئن پڌران، سماجڪ ۽ قومي زندگي ۽ سرڪاري ڪالي جي اصولن پيش ڪندڙ ھئا جن ۾ انوقت جي ترانڊ مسئلن شراب خوري، ڏيتي ليتي، وڏيرڪي شين جي واھپي، عملداري آزار خلاف آواز اٿاريل آھي، جيڪي گھڻا لعلچند امرڏنومل جا لکيل ھئا ۽ ڪي پرومل مھرچند، ٽولارام ڀالاڻي وغيرہ جا ھئا. ڪي ناٽڪ تہ وچ ترارن ۾ ڏيکاريا ويندا ھئا.

## حقيقي ناٽڪن جو دور

اساڻي آزاديءَ جي ھلچل جي سمي ۱۹۲۰-۱۹۲۲ ۾ سنڌي ناٽڪ جو نئون دور شروع ٿيو. ان ۾ سنڌي سماج ۽ زندگيءَ جي مسئلن جو چٽو پيش ڪيو ويو. انھن وڏن ناٽڪن ۾ رومانيت جي ذريعي پڌران حقيقت نگاريءَ جي ذريعي پيش ڪئي وئي، جنھنجو جس دادا ھو خانچند دريائي. ھڪ اٽي ٻمان ۲۰-۲۵ ناٽڪ لکيا جن مان اڌ ڪان گھڻا اصلوڪا ھئا. اھي ڏيتي ليتي، شادي، سس ننھن جي کٽ پٽ، زال مڙس جي سمجھہ لڪ ٻروڪاري، پيسداري ظلم، شاھوڪار شاھيءَ جي

اوکري، هارين مزدورن سان همدردي وغيره مسئلن بابت هئا. خانچند جي ڪن ناٽڪن تي هندي ۽ بنگالي فلمن جو اثر به. اڪثر ... هئا. هن پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، لعلچند امرڏنومل، چيتومل پرسرام ۽ هيرانند آڏواڻيءَ سان گڏجي رابندرناٿ ٽئگور منڊلي کولي، جنهن جو مهورت سنڌ ۾ آپ خود ٽئگور ١٩٢٣ ۾ ڪيو هو. خانچند جا ڪيترا ناٽڪ ان منڊليءَ طرفان اسٽيج ڪيا ويا هئا.

هي ناٽڪي دور به ٢٥ سال کن هليو. ان ۾ ناٽڪ سان گڏ اسٽيج به هڪ وڏي ترقي اها ڪئي جو ١٩٣٧ ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي وڏي ناٽڪ "انارڪلي" ۾ پهريون دفعو هڪ ڇوڪريءَ کان نائڪا جو پارٽ ادا ڪرايو ويو، نه ته ان کان اڳي ڇوڪرا ئي زنانو پارٽ ڪندا هئا. اهڙو زنانو پارٽ ڪندڙن مان مکيه هئا: پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، رام پنجواڻي، پڌو آڏواڻي، چندامند ناگراڻي، جهمٽمل ڀاوناڻي، ٽرملداس گربخشاڻي، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، خانچند درياڻي وغيره. اهو رواج ورهاڱي بعد شروعاتي سالن ۾ دهليءَ ۽ بمبئيءَ جي سڪولن ۾ هلندڙ هو. ان باري ۾ پروفيسر ملڪاڻيءَ سان سندس ديهانت کان اڳ. ناٽڪ شناسي ادب ۾ اهل سندس سنمان وقت ڪيل ڳالهه ٻولهه ۾ هڪ مزيدار واقعو معلوم ٿيو ته ڪيئن هڪ ڪرسچن پادري ڪراچي

ڪاليج ۾ "نل دمينتي" ناٽڪ ان شرط تي ڏسڻ قبوليو ته ان ۾ ڪابه ڇوڪري زنانو پارٽ ڪندڙ نه هوندي. پر جڏهن درگداس آڏواڻيءَ کي اسٽيج تان دمينتي جو پارٽ ڪندو ڏٺائين ته اچي چوڻ لڳو. "ڇاڪاڻ مونسان وعدو ڪيائي ڪين آهي. هيءَ ته سچي ڇوڪري آهي." پر جڏهن گرين روم ۾ پرنسپال وٽ درگداس جو ميڪ اپ لاهي ڏٺائين تڏهن اصلي ٿيس ۽ اهڙي عاليشان اڪٽر لاءِ واکاڻون ڏنائين.

هن ٽئين دور ۾ خانچند سان گڏ لعلچند امرڏنومل ٺاڪرام ميرچنداڻي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ليکراج عزيز، ليلارام ماکيجاڻي، محمد اسماعيل عرساڻي، ليلارام ڦيرواڻي، رام پنجواڻي ۽ آڏي جهانگياڻيءَ به وڏي ناٽڪ کي اوج ڏني. شري ٺاڪرداس آسودومل سنڌ جو سپوت سورهيه "راجا ڏاهرسين" تي ١٩٣٦ ۾ وڏو ناٽڪ لکيو، جنهن ۾ سنڌس خلاف ڪيل پرچار کي تاريخي حقيقتن سان رد ڪيل آهي. اهو سنڌ جي اتهاس تي شايد پهريون وڏو ناٽڪ آهي. اهڙيءَ طرح عزيز جو "مسٽر مجنون" ملاڪي ۽ "غريبان مار" ڪيترا ناٽڪ هارين جي مسئلي تي ناٽڪ ۽ محمد عرساڻي جو "بدنصيب ٿري" ناٽڪ خاص قابل ذڪر آهن.

هن دور ۾ ننڍي ناٽڪ (ايڪاڪي) کي نئون موڙ ڏنو پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ، جنهن ڪيئي [illegible]

ايڪانڪي جو اُڀرو سنڌ ۾ ٿيو. هن نئين زماني جي سماجڪ ۽ مذهبي وڳيانڪ ڪشمڪش وارا جديد ايڪانڪي ناٽڪ لکيا، جنهن کي ڏاڍو پسند ڪيو ۽ پڙهندڙن ساڻ پيش ڪيائين، جن مان ڪن لئي ڪافي واد وواد به هليو. پروفيسر ڪاڻ سواءِ جيٺانند لسا گراڻي، ايس، محمد عثمان ڏيپلائي، جيٺانند رگهومل به هن دور ۾ ليلي ناٽڪ کي اوج ڏني. هن ئي دور جي وڏي ۽ ليلي ناٽڪ ۾ سنڌي سماج جو حقيقي چٽ مليو ۽ ناٽڪ ۽ اسٽيج جوڀن جوانيءَ تي پهتا. هن ئي دور ۾ ٽئگور، ٽالسٽاءِ ۽ چيخوف وغيره جا ڪي مشهور ناٽڪ ترجمو ڪيا هئا. چيٺمل پرسرام، آچاريه آسودومل گدواڻي، ليرت بسنت وغيره.

## سنڌ ۾ اڄوڪو ناٽڪ

افسوس جو ديس جي ورهاڱي ناٽڪ ۽ اسٽيج کي ختم ڪري ڇڏيو. جنهن کي وري جيارڻ لاءِ سنڌ ۽ هند ۾ ڪيئن سر ڪوشش ٿي آهي. سنڌ ۾ ڀهراڻ ۱۹۵۵ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ٽهج سان ساهت لکڻي لڳي ڪرڻ شروع ڪئي. انجي ٽماهي رسالي "مهراڻ" هڪ ٻئي پٺيان مسٽر ڏيپلائي ۽ ٻين جا لکيا ناٽڪ ڇپيا. ناٽڪ جي ڏس ۾ محمد عثمان ڏيپلائيءَ ئي رهنمائي ڪئي، جنهن هڪٻئي پٺيان ۱۹۵۵ع-۱۹۵۷ ناٽڪ لکيا ناٽڪ "شاهدي"، "اڇوڻي"، "ذڪار"، ۽ وڏا ا لسا ناٽڪ "ڊاڪٽر"، ۽ "ڪرامت" لکيا، جنهن کي ڏاڍا

دلڪش ۽ دلچسپ آهن. هنن نالن مان ڪي ناٽڪن جو موضوع ۽ اهميت ظاهر آهي. ان وقت آلي مشهور ناٽڪ نويس محمد اسماعيل عرساڻي "ڏوڙن ڦاٽلاڪ." نالي ٻارهن لکين ناٽڪن جو ڪتاب ڇپايو هو. "شاهدي" لکيو ناٽڪ ته ٻمبئي ۾ (1957) جڏهن کيو ويو، تڏهن ڏاڍو ڪامياب ويو هو. ان زماني ۾ ٿي سنڌ ۾ لين ناٽڪ منڊلين ۾ ناٽڪ ڏيکارڻ شروع ڪيا.

ڏيپلائي کان پوءِ ٻيو وڏو ناٽڪ رشيد ڀٽي "عاشق زهر پياڪ" نالي ١٩٦٧ع ۾ ڇپايو آهي. اهو شهيد سرمد فقير بابت آهي.

هن ناٽڪ واڪر پيا چار پنج. ناٽڪ جهڙي هــن واڪر وڏا ناهن پر تاريخي آهن جهڙن آغا سليم جا "دودو چــنيسر" (١٩٧٠ع) جهڙي هتي دهلي ۾ سنڌو ڪلا سنگم ڪاميابي سان کــيو آهي، "دولهه دريا خان" (١٩٧٠ع) ۽ ٽيــون "گل چنو گرنار جو" جو احمد آباد جــي ڪلاڪارن کيو. اهڙا ٻه منظوم ناٽڪ "دودي جو موت" ۽ "راءِ ڪوٽ جا ڏاڙيل" شيخ اياز ته ٽي ناٽڪ سراج الحق ۽ هڪ پروفيسر اياز قادري لکيو آهي. عبدالڪريم بلوچ جو سهڻ جي داستان "جوڳي" جي بدل "جوڳي" ڏاڍو معنوي پيرو ملوڪ ناٽڪ آهي. سي. لــ حيدر بخش جتوئي ٻارڙن ناٽڪ نويس هو، جنهنجا هاري جهوت کي لکيل ليکا ڇپيل هئا، جهڙي همعاڪمن ڀٽي کيهن ته لکيا آهن. سنڌ ۾ ١٥-١٦ سال

اڳي ٦ ليکڪن جي رچيل ناٽڪن جو مجموعو ”ٻاڄها ۽ ٻڙالاءِ“ اڪتو هو جيڪو اهڙو مجموعو پهريون هو.

ٽيون سنڌ ۾ پرک ليکڪ ابراهيم جويو جنهن مشهور جرمن ناٽڪ نويس برٽالٽ برخت جي ”گليليو“ جو ترجمو ڪري وڏي ناٽڪ کي لئين ڏس ۾ وڌڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ٻيو نه برخت ”الميرڊ ۽ العڌي تيئٽر“ جي اٺن ”هيومن (السالمس سيمسد) تيئٽر“ جو ٻالي ۾ حامي آهي. اهڙو ئي مشهور ترجمو آهي آغا سليم جو مشڪسم گورڪي جي شاهڪار ناٽڪ ”لوئر ڊيپٿ“ جو لٺيو ڪيل ترجمو، جيڪو مڪمل صورت ۾ وري ٻارڙ ۾ لوهل ”ٻاٽال“ جي ناليءَ ڇپيو آهي.

سنڌ ۾ لکيا ناٽڪ خاص ڪري ريڊيو ۽ ٽي - وي جا ڪين هدن ۽ لکيا آهن: ممتاز مرزا، مراد علي مرزا، منظور نقوي، علي بابا، محمد شفيع ناز، ابن الياس سومرو، عبدالغفور انصاري، امر جليل، آغا عالم آتزو، انتار حسيني، اشرف بلوچ، شمير الحيدري، قمر شهباز، عبدالقادر جوڻيجو، شوڪت شورو، قاضي خادم، ماڻڪ منير، محمد يوسف پنهور، الطاف سومرو، ماهتاب محبوب وغيره. ٽي. وي. لسان قلمڻ جي ناول ”زينت“ کي لکيل ناٽڪ ۽ پيش ڪيو ويو آهي.

سنڌ ۾ مخزن ”مهراڻ“، ”مارئي“، ”روح رهاڻ“ ۽ ٻارڙين ليکڪن جا ۽ لکيا ناٽڪ ڇپيا آهن.

## ڀارت ۾ ناٽڪ جي ترقي

ورهاڱي بعد ممبئي ۽ دهلي ۾ الڳ الڳ ساڳئي وقت جئه هند ڪاليج سنڌي سرڪل (رام پنجواڻي جي رهبري ۾) ۽ دهلي ڪاليج جي سنڌي ساهت سڀا ناٽڪ ڏيکارڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ ساهتڪ سنستائن. ممبئي ۾ جنوري ١٩٤٩ع ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جي پرڌانپڻي هيٺ ترقي پسند ليکڪن "سنڌي ساهت منڊل" ناهيو، جنهن هفتيوار اڌيءَ ڪلاس سان گڏ ڪانفرنسون ڪيون ۽ ناٽڪ به ڏيکاريا. سن ١٩٥٠ع کان ١٩٥٨ع تائين ڏيکاريل ناٽڪن جا ليکڪ آهن: ٻيوس، چينالمل ناگراڻي، ڏيپلائي، طالب، مالهي ۽ سنڌري اتمچنداڻي. انهن مان خاص مقبول ۽ مشهور هئا، ڏيپلائي جو "شاهدي"، مالهي جو "ڪفن" (پرمانند جي ڪهاڻي تي جوڙيل)، ناگراڻي جو "ڪامنو اسٽوڊنٽ" ۽ سنڌري جو "انهن ماڻڪن جو واپار". سنڌري جو ناٽڪ سندس لکيل ۽ ڊائريڪٽ ڪيل هو ۽ وڏو استري ڪردارن جو هو. "ڪفن" گهڻو ناٽڪن ۾ حد ـ تيان هو جو مالهي جو ڊائريڪٽ ڪيل هو ۽ "ڪامنو اسٽوڊنٽ" سڀني گڏجي ڊائريڪٽ ڪيو هو ۽ نه ڪرمس پاپاڻي جنهن هن دهرولي هلي ڪئي آهي.

ان وقت دهلي ۾ موهن ڪرسچاڻي، چينالمل ناگراڻي ۽ هم لاکواڻي سنڌي ناٽڪ کي اوج ڏني. دهلي ۾ ١٩٥٦ع ۾ اکل ڀارت ساهتي ليکڪ ڪانفرنس سنڌيان

۾ انهن سڀاڳي آندي. اُن ئي سال اکل ڀارت ۽ ٻولي
ڪانفرانس ٿي ۽ ١٩٥٨ع ۾ اها بمبئي ۾ ٿي ۽ ١٩٥٩ع
۾ ناگپور ۾ ٿي، جنهن اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت
سڀا ٺاهي وئي، جنهن جو جنم داتا جنرل سيڪريٽري
هي هندو چوئٿرام ٿيو. ١٩٥٧ع ۾ بمبئي ريڊيو پروگرام
شروع ٿيو. انهن ۾ هي سنڌي ناٽڪ کي زور وٺايو.
١٩٥٩ع ۾ سنڌي ساهت منڊل جي ڀائيڪارن جدا
سنڌي ڪلاڪار منڊل ٺاهيو، جنهن ۾ ڀيران مالهي،
ڪيرت، اُتم، شاد، راهي، پرڪاش، ۽ سڳن آهوجا
جي عارضي ڪاميٽي ٺاهي وئي هئي. هي منڊل اڄ
ماڻهي پيو هلائي. وري هدن ١٩٦٠ع ۾ خاص ناٽڪ جي
جي ترقي لاءِ ٻڌي آڏواڻي، ايس. پي. ميگهاڻي ۽
موتي پرڪاش سان گڏ سنڌو ڪلا منڊر ٺاهيو. ان سال
ڊسمبر ۾ دهلي ۾ گوورڌن ڀارتي جو اصلوڪو وڏو
ناٽڪ "اڪيلا گهر" پيش ڪيو ويو. بمبئي ۾ وري
١٩٦١ع ۾ سنڌو ڪلا منڊر هندي ۾ مان آلتو ٺيل وڏو
شاهڪار ناٽڪ "انڊر سيڪريٽري" ڏيکاري وڏن
ناٽڪن جي سلسلي ۾ اسٽيج جي اوج جي شروعات
ڪئي. جيڪو ١٩٦٥ع تائين وڏن ناٽڪن جي اسٽيج
تي چالو رهيو. ان بعد بمبئي ۾ ١٩٦٦ع کان وٺي سنڌو
آرٽ ٿيئيٽر، سنڌو ڪلا نڪيتن، ناٽيه سنڌو، پوچا
ٿيئيٽرس، انواد سوسائٽي، جوتي ڪلا منڊر وغيره

جي ۽ ناٽڪي ڊان رهي آهي ته احمدآباد، سنڌونگر، جيپور، اجمير، پڙودي ته ان وقت کان بمبئي ۽ دهلي سان گڏ ٽڪري وڃي وڌائي آهي. البت ۳۵-۴۰ وڌن استيج ڪيل ناٽڪن مان رڳو ۸-۱۰ اصلوڪا ناٽڪ آهن. موتي پرڪاش جو "راس هڪ طوفان جي" (جنهن جي اصليت تي اعتراض اٿاريل آهي) پروفيسر پنجواڻي جو "آيو اُڀون زمانو"، پوپٽ ٿيئرس جو "پال برهمچاري" ۽ "ڪيا ڏاڪا" ۽ جوتي ڪلا مندر جو "جهمٽڪمار" ۽ "لهيجو ٿي آڌار" ۽ مدن جماٽي جو لکيل ۽ هدايت ڪيل "ڪاڪو ڪلومل". پوئين ۾ رڳو هڪ ڪردار آهي جنهنجي رول ۾ نواڻ ته آهي.

دهليءَ ۾ ته ساڳئي وقت ڊسمبر ۱۹۶۴ع کان "سنڌو ڪلا سنگم وڌن ناٽڪن جو سلسلو شروع ڪيو، جنهن ۾ فقط هرڪانت جو "ڪنوار ڪپي" اصلوڪو هو، دهلي جي "مهراڻ" سنستا "أمي يا ممي" ناٽڪ پيش ڪيو هو. مٿين وڌن اصلوڪن ناٽڪن کانسواءِ ٻيو چار وڏا ناٽڪ موتي پرڪاش جو "پردي اڳيان، پردي پٺيان"، ڪرشن کٽواڻي جو "آشيانو"، ۽ مرليڌر سکواڻيءَ جو "أمي ۽ ممي" ۽ گوبندرام راڻسنگهاڻيءَ جو ناٽڪ "اُرواسي" ڇپيا آهن، جنڪي استيج تي نه آيا آهن. استيج تي وڌن اصلوڪن ناٽڪن ۽ الهو ٿيل گهڻو ناٽڪن جو ته اهو ڏاڍي سوچ جي ڳالهه

آهي. نه فقط ناٽڪ اوپسن لاءِ پر ناٽڪ ڪندڙن لاءِ به. جيستائين اها ڪمي پوري نه ٿي آهي، تيستائين هتي ناٽڪ جي اُنتي ٿيڻ نه ليکجي.

## ننڍن ناٽڪن جو سيلاب

هتي وڏن اصلوڪن ناٽڪن جو، جي ذڪر آهي ته ننڍن ناٽڪن جو سيلاب آهي. سوين ناٽڪ لکيا ويا ريڊيو ۽ اسٽيج لاءِ پيش ڪيا ويا آهن. ناٽڪن جا ڪيترائي مجموعا نڪتل آهن. پهريان پروفيسر ڀمڀواڻي ۱۹۵۴ ۾ "سنڌ جون سٺ ڪهاڻيون" نالي مجموعو ڪڍيو، سو پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جا هڪ ٻئي پنهنجن ننڍن ناٽڪن جا پنج ڪتاب ڇپيا آهن: جيون ڇهڙتا، پاپ ڪين ٿيو، ڪڙ ڪپتا ٿيا ڏکين، آخري ٽيڪ ۽ سمنڊ جي گجگاڙ. ٻرهل ۱۵ ناٽڪن جا ٽي ڪتاب ڇپايا آهن. ماڻهو، ڪيرت، هرڪانت، طالب، ايم. ڪمل، برجموهن، جي. اين. ناگراڻي، راجن چاولا، ڪشور ٽهوجا، وشن شوداساڻي، جيٺي لالواڻي ۽ ٻڪولتي ڪڪڙيجا جو هڪ هڪ مجموعو ڇپيل آهي. اُنهن ۾ هڪ ان ليکڪن جي ايڪانڪين جا مجموعا ڇپائڻ جي روايت ٽيڪين دايا ٻلڪيڻن شروع ڪئي، ۽ ۱۹۶۰ ۽ ۱۹۶۴ ۾ "روپ ۽ ڪلا" ۽ "ناچو" ڪتاب ڪڍيا، جن ۾ سنڌي جا ٽي ناٽڪ، ماڻهو ۽ ڪيرت جا ٻه ٻه ناٽڪ، گوردن، هرڪانت، موهن ڪلپنا ۽ اُبر جو هڪ هڪ

ناٽڪ هو، ١٩٦٤ ۾ سنڌو ڪلا سنگم (دهلي) جيون ڪرشناڻي، هرڪانت ۽ رام گيانچنداڻي جي ان ان ناٽڪن جو مجموعو "ايڪانڪي" نالي ڇپيو. جسونت ڪمار "پردا" نالي سنڌي اڪانڪي، ايم. ڪمل، پرسرام پرڪاش ۽ شيام جئسنگهاڻي جي ناٽڪن جو ۽ برجموهن اهن ساڳين ليکڪن ۽ وشنو ڀاٽيا، واسديو موهي، لڇمڻ ڪومل جي اٺن ڀرپالي ناٽڪن جو ڪتاب ڪڍيو. ٽاڻو ڪوپڻا ساهت مالا طرفان شيام رامڪياڻي جدا جدا ليکڪن جا ٻه ناٽڪن جا مجموعا ڪڍيا آهن: "مٽڙيو سو جٽيو" ۽ "ڪڏهن ٻه ڪهه، ٻه ٽيندو." احمد آباد جي ڊراما ورڪشاپ ۾ "قدم"، "پردا" ۽ "موڙچاٻندي" نالن سان اهڙا ناٽڪ شايع ڪيا آهن، جن ڀرپالي ناٽڪن کي پهنجو ڀلو ڇا ڏيکاريو آهي. هندواڻي، ٽيڻن دليا، سنڌو ڏارا، موهل، سنگيتا، رچنا ۾ لوڙي رالپو تان الاهي اڪانڪي ظاهر ٿيا آهن.

## گيت ۽ نرت - ناٽڪ

هتي سنڌي اوپرا (ڪوتا يا سنگيت ڪيت ناٽڪ) ۽ ٻئلي (نرت - ناٽڪ ٻه پيش ٿيا آهن. ڇپيل رڳو هڪ پروفيسر ارجن شاد جو "ڏاهپون ڏکـ ڏسن" (١٩٦٠) آهي. ان ڪلا ۾ دهلي جي سنگيتڪار ڪان مولهار ۽ ليکڪ لڇمڻ ڪومل ڀاڳ خوب موکيو آهي.

پروفيسر ملڪاڻيءَ جي اثر جي تاريخ ۾ ورهاڱي
کان اڳ جي ناٽڪ جا ٻه باب هيمر لاڳواڻي جو ڏهاڪي
جي ١٩٥٠-١٩٧٠ جي سنڌي ناٽڪ جي ترقيءَ تي لکيل
ڪتاب "مور اڏندا رهن" اهم آهن.

اڄڪلهه پارس سڀا ۽ ٻين سنسٿائن پاران ناٽڪن جون
چٽاڀيٽيون ٿينديون ٿين. جيئن لالواڻي احمدآباد مان
"اسٽيج" مخزن ڪڍي آهي ته سرام پرڪاش ۽ ٻين
جوانن سنڌي ڊراما ورڪشاپ کوليو آهي. اهڙي سڀ
ڳالهيون پڌريون سر ناٽڪ جي اهميت جون نشانيون
آهن ته ان بابت گڏجي سوچڻ ۽ سمجهڻ جو به اهڃاڻ
آهي. مطلب ته سنڌي ناٽڪ ۽ اسٽيج نه رڳو واڌارو
ڪيو آهي، پر اهي آسانيءَ هلڻ ۾ هڪ واهڻ بڻيا
آهن. البت اهو واهڻ هلڪڙي ڪل مسخري ۾ ڪم آڻڻ
بدران سنڌي سماج ۽ قوم جي سڌاري جو سڌ ٻڌڻ
کپي. ڇا اڄ جا ناٽڪ لوڪس ۽ ناٽڪ ڪندڙ، ان ڏس ۾
پاڻ نه موڪليندا؟ ڪيئن ۽ اصلوڪن وڏن ناٽڪن جي لهر
نه پيدا ڪندا؟ ڇو ته الهي، ڪاسواءِ هيو ناٽڪ ۽ اسٽيج
جي ترقي (جنهن لاءِ ورهاڱي کانپوءِ نئين سر اتساهه
جفاڪشي ۽ جانفشاني ڪئي وئي آهي) سا اڌوري
رهجي ويندي. پر جتي هند ۾ سنڌي اسٽيج گهٽجي
ترقي ڪئي آهي اتي سنڌ ۾ ان بدران وري ٽي. وي.
ناٽڪ گهٽجي ترقي ڪئي آهي. باقي ريڊيو ناٽڪ جي
ترقي ٻنهي هنڌ ساڳي آهي.

# سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي زندگي

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي زندگيءَ جي جائزي وٺڻ لاءِ هڪ مضمون ڇا هڪ سڄو ڪتاب به پورو نه پوندو. انڪري ان جائزي جي فقط هڪ جهلڪ تائين ئي محدود رکڻو پوي ٿو. اصلوڪي سنڌي ڪهاڻيءَ اڄ ٧٠-٦٥ سالن جون منزلون طئي ڪيون آهن، جنهن ۾ اُن سنڌي جيوت جو هڪ ورائٽي روپ پسايو آهي. ان لاءِ سنڌي ڪهاڻيءَ جي اِتهاس ۾ جهاتي پائڻي پوندي ڇو ته سنڌي ناٽڪ، ناول، ڪويتا وانگر ڪهاڻي به سنڌي جيوت جي چٽيل چتر جي هڪ پرمپرا آهي. اها تڏهن کان شروع ٿي ٿي، جڏهن پهريان هڪ سؤ سال کن اڳي ٻين ٻولين مان ڪهاڻيون اُلٿو ڪري ان ۾ سنڌي نالا، ماحول ۽ سهڻي سپڪ ٻولي ڏيئي انکي سنڌي روپ ڏنو ويندو هو. اُن بعد سنڌي ليکڪن پنهنجي جاتيءَ، سماج ۽ زندگي مان ڪردار ۽ واقعا، ويچار ۽ وهنوار کڻي اصلوڪي سنڌي ڪهاڻيءَ کي اوج ڏني. سانگي وقت سنڌي ڪهاڻيءَ وري سنڌي جاتيءَ کي زندهه رکڻ ۾ ٻين جاتين اڳيان اُن جو ڳاٽ اوچو ڪرڻ ۾ هڪ اهم رول ادا ڪيو آهي.

ڀارت توڙي دنيا جي ٻين جاتين وانگر سنڌي

ٻيو هڪ جدا جاتي [انٽيليڪٽي] آهي. اُهي آلڪا ٻولي الهاس، پرمپرا، ڪلچر، سماج، سڀيتا، وهنوار، رسم، رواج، ڪردار آهي. ٿوري ۾ هي سڀ خصوصيتون سنڌي زندگيءَ کي ٻين جاتين جي زندگيءَ کان نرالو بڻائين ٿيون ۽ سنڌي جاتيءَ کي هڪ جدا هستي عطا ڪن ٿيون. اها هستي ملڪ جي ورهاڱي جي باوجود سند توڙي هند ۾ قائم آهي. اُن لاءِ سڀ کان گهڻو شرف سنڌي ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن لهڻو، جن نه رڳو پنهنجين رچنائن سان سنڌي جيوت جي ترجماني ڪئي آهي، پر سنڌيت جي مشعل هلائي پنهنجي جاتيءَ کي به زنده رکيو آهي.

منهنجي وچار ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي زندگي تڏهن ئي پيش ڪئي ڇپي سگهجي، جڏهن اُن ۾ مٿي ٻڌايل خصوصيتن مان ڪنهن نه ڪنهن جو چتر يا ذڪر هوندو ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم خصوصيت آهي صاف سنڌي صحيح سنڌي ٻولي. ڪنهن به شخص لاءِ پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکڻ ۽ ليکڪ ٻڻجڻ جي اهميت بابت گرديو ٽئگور جي پنجابي ساهتڪار ۽ اداڪار بلراج ساهنيءَ سان ڪيل گفتگو اڄ ۴۳ سالن بعد اسانجي ليکڪن لاءِ رهنمائي ڪندڙ آهي.

بلراج ساهني پنهنجي پنجابي ٻوليءَ جو قدر نه سمجهائي هندي ۽ انگريزيءَ ۾ لکندو هو. جڏهن ٽي

ڪردائو ٽئگور ڪيس ذهن نشين ڪرايو ته ”هر ڪو ليکڪ پنهنجي ماڻهن ۽ ٻوليءَ جو ئي ليکڪ آهي. رڳو اُنهيءَ هو پاڻ کي گهر ۾ محسوس ڪري سگهي ٿو.... هڪ ونشيا ڪي دنيا جو ڪيترو به ڌن دولت ڇو نه هجي نه به هوءَ عزت لائق ڪانه ٿي ليکي وڃي. نون ڀل سڄي زندگي ٻيءَ ڪنهن به آڌاري ورتل ٻوليءَ ۾ لکين، ليڪن لوڪي نڪو لنهنجا ماڻهو اڪو اُن آڌاري ورتل ٻوليءَ جا ماڻهو پنهنجو سمجهندا. نون ٻئي ڪنهن جو ٻڄين، لنهن ڪان اڳ ۾ لوڪي ٻهرين پنهنجن ماڻهن جو ٻڄڻو پوندو.

اسان وقت به پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ پنهنجن ماڻهن جو ٻڄڻ وارن ڪهاڻيڪارن جي لسر ڪوني ڪانهي. هتي انڪري سياويڪ انهن ڪهاڻي نويسن جو ئي ذڪر ڪري سگهبو جن سنڌي زندگيءَ جو چٽ ٻيا ذڪر ٻيش ڪيو آهي. اهو ٻهراڻ ٻهراڻ اسانجي ڪهاڻيءَ جي اوائلي ٻانين مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙومل، رشي ڏيارام، ٻرمانند ميوارام ۽ ديوان ٻرڀداس ڇڪومعراه، لعلچند امرڏنومل، ڄيٺمل پرسرام ۽ ٻيرومل مهرچند جي اصلوڪين يا الفو ڪمل ڪهاڻين نسا ناولن ۾ به ملي ٿو. مثلا زاهسس، شوسب ٻيمت، چـوهڪ جـو چنڊي،

---

* ٽئگور ۽ ساهتيءَ جي سڄي ڪفڪو لاه ٻسڙهو ليکڪ جو ڪتاب ”ٽئگور هڪ جهلڪ“ (١٩٦١)

موهني ڀاڳ اول ۽ ڪهاڻيءَ جو ڪفن (١٩١٧)، ٻرام جو مهاڳ (١٩١٤) يا ڇهڙا پوش جون ڪهاڻيون (١٩٢٠) وغيره. انهن سڀني ۾ سلمس سپڪ سنڌي ادبيءَ ۾ سنڌي سماج جي ترجماني ڪيل آهي.

"ڪفني جو ڪفن" ڪهاڻيءَ ۾ لعلچند ڀيرن ٻڌرا ۾ ڪي مڙاوڙيدار نيم سنڌيءَ ۾ ۽ ريڙو ڪهاڻيءَ جو نت ٻر سنسڻ ٻرهن ۽ سنڌي استريءَ جي اُن وقت جي حالت ۾ ڏکوئي بيان ڪري ٿو چوي: "هيءَ ڀاڳ اولي ۾ پت ٻڌي ته ماڻس ستانڊي ۾ ٿي چلي رهي، جڏهن ڪري ٻڌهه نيپاج جو سک نصيب ڪونه ٿيس. وري جڏهن ساماڻي ۽ پرڻي ۽ ڏيءُ پت ڄڻيائين، تڏهن گهر وارن کي ڪنهن ٻوليءَ ڏاڍو ٻڙو واس وجهي اُٺو ٻارالو ڏنو جو هو ڪولڏر اوچتو مڻي جوالي وٺي مڻي جڳاڻي مان لڏي ويو."

ٻيو مثال جيٺمل جي "ڇهڙا پوش جون آکاڻيون" جو ڏسو. جنهن لکڻ جي طرز اڄ جي زماني واري موافق [ٺهرو ڪلاڪ واري] جهڙي آهي. هو "ٻڪ ڪيءَ جي دالـهن" ڪهاڻيءَ ۾ هڪ جوان جماڻ استريءَ واڻان چوائي ٿو، "نديءَ ٻئي ڦرهه جوانيءَ کي ٻهتل، جڏهن کي اڪا ٿي ساهري ٻهر سنڀالڻ وار، اڪا ٿي ٻهڪي ٻـهر سنڀالڻ واري، ٻـر الٽو ٿي ٻهڪي ساهري ٿم هتروءِ سو ڇهرا پوش، ڇڏ ته هاڻ وڃان سو ڪهڙي

وڃان. انهن نه سمجهه، نه آءٌ ڪا بلڪل ٻوري ٻڪريءَ تي وڃي هئس، پر مريادا جو ليڪو اُلنگهڻ مونکي اچي وڻيو."

دلڪش ۽ دلچسپ ٻوليءَ ۾ لکيل هي ٽوڙيون سڀــون ئي سنڌي استري ۽ سماج بابت گهڻو ڪجهه، ٻڌائين ٿيون نه سماج ٻرائي ۽ بي انصافيءَ کي بي نقاب ڪن ٿيون. اهو سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر جو شروعاتي دور هو، جڏهن هنن ليکڪن جو مکيه مقصد ئي هو سماج کي سڌارڻ. هي ڪهاڻيون اُن زماني جي سنڌي زندگيءَ جو فوٽوگرافڪ حقيقت- نگاريءَ وارو چٽ ڏين ٿيون.

اُن بعد ۱۹۳۰-۱۹۳۲ جي قومي سجاڳي ۽ هلچل جي زماني ۾ جديد حقيقت نگاري واري سنڌي ڪهاڻي وجود ۾ آئي. جنهن جا باني هئا: امرلعل هنگوراڻي، مرزا نادر بيگ [قليچ بيگ جو پٽ] ۽ هريداس ٻيرومل. جن لڳ ڀڳ ساڳئي وقت سنڌي زندگيءَ جون چٽ چٽيل ڪهاڻيون لکيون. انهن مان تمام مشهور آهن. "ادو عبدالرحمان" [امرلعل جي]، "انقلاب" [نادر بيگ جي] ۽ "هيرا جواهر" "اندر جا اُڌما" [هريداس ٻيرومل جا ڪهاڻين جا ٻه ڪتاب]. ادو عبدالرحمان اُداسيت، عالمگيريت، جدت ۽ حقيقت جي مڪ، مطلب سان وسعت جي ڪسوٽي تي ڪسڻ شاهڪار ٺهي چڪو آهي.

اڻ صدي کن اڳ لکيل هيءَ ڪهاڻي اڄ به ــ اسان لاءِ نئين لڳي جا سنڌي سماج ۾ ڦهليل بي انصافي، ڀرپور، پاڪائي، ڏاڍائيءَ جــي اوگهڙ جـو اسان تيڪنڪ ۾ ڪلاڪاريءَ وارو چٽو پيش ٿي ڪري.

نادر بيگ جي ڪهاڻي "انقلاب" هڪ پيار مسلم عورت جي پهرئين مڙس جي پٽلي، پٽيءَ خلاف ڪيل بغاوت جي آکاڻي آهي. هيءَ به اڄ جي سنڌي زندگيءَ جي ڪهاڻي نئين لڳي. هــي ٻئي ڪهاڻيون لڪيندي ۽ لکيلڻ حقيقت نگاريءَ جو به مثال آهن.

پرڀداس (پيرومل مهرچند جو پٽ) جي "اندر جا اڌ۽اڻ" ڪتاب جون ڪهاڻيون، سنڌي سماج، سڀاءُ، رسم رواج جي تصوير ڪشي ڪندڙ آهن. ڪجهه ته خــود ڪلاميءَ جي طرز جون ڪهاڻيون آهن، ليکڪ جــي ٻولي به لعلچند امــرڏنيمل جي ٻوليءَ جـون سڳون لاهيندڙ آهي. "گهوٽ ماءُ - ڪنوار مــاءُ" ۾ هڪ استريءَ کان چوائي ٿو، "توسان ٿي ڳالهه ڪيم، ڏس پاڻ لکو ته! پائي پئسو ٿي وڃي مهندو اگهاڻو. گروءَ نيست پهرئين ڪٿاهه ڪئيو. جيئي مئهن، ڀرپٽي پٽ، ٻيري ونالهن، ڪن سيڳن ساهوون. سو گهٽ ۾ گهٽ جي وٺان ته به، واهه هجار روڪ، لدهنڪا اسواه مٿيو ڪوڙو ۽ هڪ سوداڻ ته خير ڪري ڪندس ۽ جي اـ، اـ سنڌي ڪري ڏيءَ آچار ڪري.... ٻر اسي ڳالهه پڌي

انهيءَ، جنهن هيٺ مذهبي لباس ڍڪائي، ڳوٺن ۾ ڳاري
ڇڏيو اٿن. مذهبي ڌيءَ واپاري ڪڪدام، گل جهڙي،
ڪنهن ڌاڻهن اک ڪٽي اهاري نه ڪئين. پٺي ڇم لا
”الله، لنهنجو نورو مٿس نجاست ڇورو.“ سو ڇوڪرو
نه پسند ڪيو اٿئون، پر هاڻ جيڏو واقف ڦاٿو پيو
آهي. ڇو ته ڏاڏي ماڻي لنهنجي ڇوڪري آهي ساوري،
سو پيو نه ته ۲۵ هزار رپيا ڏيو ڏري ڏيٺا پولهه. لنهن
ڪالسواه پٽ.“ هن هڪ حوالي مان ٿي سنڌي سماج ۾
رسم رواج واري سماجڪ جيوت ظاهر ٿيو پوي، جا
اڄ صدي گذرڻ بعد به جيئن ساڳي آهي. هن ڪهاڻين
مان لنهندي حقيقت انگاري صاف ظاهر آهي.

۱۹۳۹-۱۹۴۰ ۾ ٻي مهاڀاري جنگ جي زماني ۾
سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ انسان جي زندگيءَ جو هڪ نئون
روپ پيش ٿيو، جيڪو اڳين ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ
بيباڪ، ايماندار ۽ باغي هو. ان وقت سنڌيءَ ۾ هڪ
نئين ”ترقي پسند ڌارا“ شروع ٿي. جيڪا ۱۹۳۶ ۾
منشي پريمچند جي صدارت هيٺ لکنؤ واري ترقي-
پسند ليکڪن جي ڀارتي ڪانفرنس ۾ هلچل جو نتيجو
هئي. ان وقت اردوءَ ۾ ان ڌارا وارن ڪهاڻين جو
مجموعو ”انگاري“ شايع ٿيو، جنهن کي سرڪار ضبط
ڪيو هو. ان ۾ مذهبي لنگڊلي، سماجڪ بي انصافي،
راجنيتڪ ۽ آرٿڪ لوٽ ڪسوٽ ۽ مصيبت ۽ سيڪس

جي پابندين خلاف آواز هو ته مظلومن ۽ مسڪينن لاءِ همدرديءَ جو اظهار به هو. ان لئين "آواز" ۽ "اظهار" جو اثر ان سمي جي اسلامي ان ڪهاڻي نويس عثمان علي انصاري ۽ آسانند مامتورا تي به نظر اچي ٿو. انصاريءَ پنهنجي ڪهاڻين جي مجموعي "پنج" جي مهاڳ ۾ ته منشي پريمچند جي مهما ڳائي آهي ۽ مجموعي ۾ مظلومن ۽ مسڪينن جي زندگيءَ جون به ڪهاڻيون ڏنيون اٿس. مامتورا ان وقت ڇپايل پنهنجين ٻن ڪهاڻين "وڏيرو رمضان" ۽ "ڪاري" ۾ عورت جي محبت ڪرڻ ۽ پسنديءَ موجب شادي ڪرڻ جي حق جي حمايت ڪئي آهي. هي ڪهاڻيون سنڌي مسلم جيوت جو آئينو آهن، جن مان فوٽوگرافڪ ۽ تنقيدي حقيقت نگاري ظاهر آهي.

ترقي پسند ڌارا جو اثر کليو کلايو قبول ڪرڻ ۽ ان جو زوردار نموني ڦهلاءُ ڪرڻ جو شرف ان وقت جي اسريل نوجوان ترقي پسند ليکڪن کي آهي. هنن نه فقط اسلامي سماجڪ زندگيءَ جو پر آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ جيون جو ڀيانڪ ۽ بردبار چٽر چٽيو. ان کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ راڄنيتي آزاديءَ يا هلچل جو چٽر ته ڇا پر اصل ذڪر به نه ڪيل هو. جيتوڻيڪ دادا شيوڪ جي پهرئين جديد سنڌي ناول "آشيرواد" (۱۹۳۳) ۾ آزاديءَ جي هلچل ڏي اشارو ڏنل آهي. ترقي پسند ليکڪن

پهريون دفعو سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نه صرف انگريزن جي ظلم، پر زميندارن، سرمائيدارن ۽ سماج ۽ ڌرم مذهب جي ٺيڪيدارن جي ڏاڍاين جي زوردار اوگهڙ ڪئي ۽ استري پرش جي پيار ۽ برابريءَ جو بيباڪ چٽر چٽيو. گوبند پنجابيءَ کي ترقي پسند ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪرڻ جو شرف حاصل آهي، جنهنجو ثبوت هنجي ڪهاڻين جو مجموعو "سرد آهون" آهي. هن کانسواءِ جن ٻين ترقي پسند ليکڪن نئين رڱو ڪهاڻيون لکيون، ۽ ترقي پسند ادب لاءِ هلچل ۾ اهم ڀاڱو ورتو سي آهن: مالهي، اياز، آنند گولاڻي، ڪرشن کٽواڻي، سگن آهوجا، ڪيرت ۽ الم. هنن ورهاڱي بعد به ڪهاڻيءَ لئي قلم آزمائي جاري رکي. هي سڀ ليکڪ ١٩٤٠-١٩٤٢ واري قومي هلچل وقت اسريا ۽ ڪي جيل به ويا. هنن جون ڪهاڻيون ٻين ڪن ڪتابن ۽ مجموعن جهڙوڪ ريگستاني ڦول، پرهه ڦٽي، ڦڙڪ، سفيد وحشي، سنڌي ڪهاڻيون (۾ مجموعا)، اسانجي سنڌ، سوشلسٽ پاڪستان، آگسٽ انقلاب، اڳتي قدم ۽ حيدرآباد ڪاليج جي مئگزين "ڦليلي" ۽ ٻين اخبارن، مخزنن ۽ رسالن ۾ ڇپيون هيون. هنن ڪهاڻين ۾ سڌيس ٻولي ۾ نئين سماج لاءِ تڙپ، بهتر زندگيءَ لاءِ ڪشمڪش، استريءَ جي آزادي ۽ برابري ۽ روشن آئيندي جي آشا جي تصوير صاف ظاهر آهي، جنهنڪا سنڌي زندگيءَ جي

چوطرفي تصوير به آهي، ۽ انهن زماني جي شعور جي جهلڪ به ڏئي ٿي. ترقي پسند ڪهاڻي اڃا ٿوري جوانيءَ تي ئي ڪين پهتي ته ١٩٤٧ ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. سنڌي جاتي ۽ ساهت جا ٻه ٽڪر ٿي ويا ۽ سنڌين هستي خطري ۾ پئجي وئي. اهڙي ڏکئي ۽ آزمائشي وقت هند لوڙي سنڌ ۾ ترقي پسند ليکڪن پنهنجن بزرگ ۽ ٻين ساهتڪارن، وڌوان وغيره جو ساٿ وٺي هلچل هلائي، ۽ رڳو سنڌي ٻولي ۽ جاتيءَ کي زنده رکيو، پر سنڌي زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ ڪهاڻيون لکي سنڌي ساهت جي اوچتي سڪي ويل کيت کي سرسبز بڻايو.

هيءَ ذڪر ڪيل ترقي پسند ڪهاڻي لوڀن سان گڏ سنڌ هند ۾ ورهاڱي بعد يڪدم اسرڻ لڳي. ليکڪن به سنڌي جيوت جون ڪهاڻيون لکيون ۽ سنڌيت جي هلچل کي به هٿي ڏني. سنڌ ۾ اهڙا ڪهاڻيڪار هئا: جمال ابڙو، اياز قادري، غلام رباني، رشيد ڀٽي، نجم عباسي، جمال رند، ع. ق. شيخ، اڪبر چنا، حفيظ شيخ، ابن الياس سومرو، انور مورائي، سراج الحق، ابن حيات پنهور، حميد سنڌي، شميره زرين وغيره. هنن مان ڪن جون مشهور ڪهاڻيون آهن: بدمعاش، ڀڦو دادا، شهدو ڌاڙيل، ڇهڙپ، اٽو، شمع ٻاريندي شب، چنڊ گرهڻ، رانديڪو وغيره ۾. انهن سنڌي زندگيءَ جي پراڻ

۽ بي انصافين کي بي نقاب ڪيل هو.

ورهاڱي بعد هند ۾ سنڌ والڪر ٻئين ڏهاڪي (١٠ سال) ۾ جي نوان ليکڪ اڀريا انهن مان مکيه آهن: موتي پرڪاش، موهن ڪلپنا، سندري اتمچنداڻي، راهي، تاب، گوورڌن ڀارتي، تارا ميرچنداڻي، نارائڻ ڀارتي، ڪنور ٻوجا، سوڀٽي، لوڪداس ۽ مدهو لعل، جن ان سمي سنڌي زندگي جو چٽ چٽيندڙ ڪهاڻيون لکيون، جيڪي ڪيل ترقي پسند ساهت جي ٻالين جي هن دؤر ۾ لکيل ڪهاڻين جهڙيون آهن يا اهڙي ويچارن جو اظهار ڪندڙ آهن.

انهن جا مثال ڏيڻ کان اڳ، اهو ڏسڻ ضروري ۽ اهم آهي ته ورهاڱي جي ٻئين ڏهاڪي ۾ لڏ پلاڻ بعد سنڌي ٻولي، جاتي، سماج ۽ سنڌيت جي ڇا حالت هئي؟ ۽ ساهتڪارن جو ڪهڙو فرض هو؟ سرڪار ۽ سنڌي اڳواڻن، سنڌين کي هڪ هنڌ وسائڻ بدران سڄي ملڪ ۾ پکيڙي ڇڏيو ۽ ٢٠ سال کان سنڌي ٻولي، سرڪار تسليم نه ڪئي، انگريزي سنڌين لاءِ آني لائي اجهي ۽ علم علاج جو هماليه جيڏو مسئلو منهن ڪيئي بيٺو. ڪٽنبن کي ڪئمپ جي بيڪل ٽٽل بيرڪن ۾ گوٺن ۽ بردا نڪي زندگي ڪاٽڻي پئي. جوان ۽ جوانڙيون نه ڇڏيو پر ٻـيا، ٻـيئون ۽ ٻار به ٻاڪـڪي زنده رکڻ لاءِ نوڪريون ڪرڻ يا رلڻ ۽ وڻجن لي ڪتمدوا، ٻاڙو، چالو،

ڪانئا، ٻئون وغيره شيون وڪڻڻ لاءِ اڪري نروار ٿيا. سڄي جاتي ڀيڻيجن ٻين کي ٿڪڻ لاءِ پريشان ۽ سرگردان هئي. ڪن کي وچولدڙ مرض ته ڪن کي لنئن ۽ ڪوليمازيءَ جو مقابلو ڪرڻو پيو. سنڌي ساهتڪارن سنڌي زندگيءَ جي هيءَ حقيقي تصوير پيش ڪري اکين سان ڏٺي. هنن هي بشارت خود ڀوڳيو هو. ٻيو هو ان کان ڪيئن منهن موڙي ٿي سگهيا؟ ڪهاڻيڪار ڀيڻيجن ڪهاڻين ۾ سنڌي جيوت جي هن ورامت روپ جو درشن ڪرايو. هنن اهين ڪندي سنڌي جاتيءَ جو فرض ۽ قرض ادا ڪيو ۽ ڪوڙ ٻوهه نه ڪيو، جيئن ڪن هنن خلاف بهتان ٻڌو آهي. جيڪڏهن هن حقيقي سنڌي جيوت وارين ڪهاڻين هي ليکڪ نه لکن ها ته نه جاتي ۽ نه اتهاس کين معاف ڪري ها. سچ ته هنن ئي انوقت سنڌي جاتيءَ جي صحيح رهنمائي ڪئي. ترقي پسند ليکڪ ان ڏس ۾ اڳرا رهيا. اهڙي قدر جو ڪيترن لون ليکڪن ۽ هندنجي وڇاڙن ۽ موضوعن وارين ڪهاڻيون لکيون.

اهين آهي ته هن سڄي دور ۾ جيڪو ورهاڱي کان ۱۰-۱۵ سال پوءِ تائين هليو، ان ۾ ڪي اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ڪلا گهٽ، پرچار وڌيڪ آهي، ڪي ويچار غلط يا انتهاپسند آهن. پر اهي ڪهاڻيون ٿڪائون ٿورين ڪهاڻين ۾ آهن. مثلا ترقي پسندن جي

بابت ۽ ٻين مٿي ذڪر ڪيل انهن ليکڪن هن دور ۾ ٣٠٠ کن ڪهاڻيون لکيون آهن، جن مان اڄ پرچاريون ڪلا ڪان والجهيل ڪهاڻيون ١٠-١٥ سيڪڙو مس ٿينديون. انهن ٿورن ڪهاڻين جي آڌار تي هن سڄي دور جي سنڌي زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ ڪهاڻين لاءِ ڪير ٻه اکين ڪيئن ٿو علما فتوي ڏئي ته ”اهو سڀ ڪچرو آهي“ (هيرو شيوڪاڻي) يا انهن ۾ ”دادا ڪامريڊ جو ليڪچر آهي يا مارڪسواد ذريعي حل ڏسيل آهي يا سس نهن جو جهڳڙو ڏال آهي، جنهنکي جاڻي جاڻٺهار سرو شڪتيوان، سرو ويا پي دادا ڪامريڊ جو داس ڪئپيٽل يا ڪميونسٽ مئنيفيسٽو مان جادوءَ ٻرلو وڃن آهي.“ (گدو سامتاڻي) يا ڪير انهن ڪيئن ٿو چوي ته اهي سڀ ڪهاڻيون ”روزاني اخبار، ريڊيو ٽاليم ٽيبل ۽ ٽيليفون ڊائريڪٽريءَ جي سطح جون ڪهاڻيون آهن“ (پشپ). ڪمال ته اهو آهي ته پوئين الزام هڻندڙ اڄڪلهه پاڻ ٽيليفون ڊائريڪٽري ڪيڏ جو ڌنڌو شروع ڪيو آهي.

هن دور جي ڪهاڻين ۾ سياوڪ ڪنهن جي سنڌي شرنارٿين جي زندگيءَ جو چٽ آهي، جنهنکي ادرشوادنا لاءِ ڪوا ٻوهڻو ڪرڻ ڪان ڪا ڪتابن. کي وهواي طبقي وارا سنڌي مٿين طبقي سان ريس ڪن ٿا ته کي پاڪستان ۾ اڪروپ جو ملڪ پالي هان ٿا.

ان ڇهن سالن کان ڪهاڻين ۾ سرڪار جي بي انصافي،
۽ بد انتظامي جي اوکهڙ، پيار ۽ شادي، استري
جي آزادي، سس نُنهن، ڏيتي ڏاجائي، ماڻهن ٻارن
جي وڪڻڻ ۽ ان وقت جي جنگ ۽ امن جي فضا ۽
سنڌ ۽ سنڌيت وغيره. وشين تي به قلم آزمائي ڪئي
آهي.

ان زماني ۾ آنند گولاڻي ۽ گوبند پنجابي تي هڪ
ٻئي پٺيان ڪجهه ڪهاڻيون لکيون جن ۾ ان وقت جي
هنسڪ وايو منڊل جي تصوير آهي. آنند جون ٻه
مشهور ڪهاڻيون آهن: "ٻيون جنم وٺندس" ۽ "ڇپرو".
پهرين ۾ ڪئمپ جي زندگي ڪاٽيندڙ پنهنجي سورن
جي ڪهاڻي ٻڌائي آهي. ٻاران جو ناٽڪ ڪوڏڙو
ٻڌائي ٿو، "وري جنم وٺي ڇيڻ جي غريبن وارن گهر
اٿندس، ڪنهن جي مٺ آڏائيندس، رت سان ٻرل لال
بوچڻ جهنڊو ڪري جهولائيندس."
سوال ٿو اٿي ته ڇا ڪنهن گوليبازي ۾ پنهنجن ٻارن
جي شهيد ٿيڻ تي اهڙو غصي ۾ به ٿو ڀڙڪي؟
"ڇپرو" ڪهاڻي جو ناٽڪ بمبئي ۾ ٿيل گوليبازي
جي بندوق جي گنڍل ڇري سان ونڌو ڳالهائي. چوي ٿو،
"جنهنجون ٻچڙ بکيون آهن، اهڙا ياڙ اڳا آهن،
دوست جيلن ۾ آهن، سو ڇپرو ته ٿيندو ڇا؟"
آنند هن مشهور ڪهاڻين کان سواءِ ٻيون به ان

وقت ڪهاڻيون لکيون جنهن ڪي ناٽڪ، ناٽڪ جي وشين
۽ ڪردارن بابت آهن. مثلا ٻرام ۾ پدم شيل، اراشا،
سنڌو، ڪامڙو وغيره هنجي هڪ خاص خوبي آهي
مذاق ۽ طنز.

گوبند پنجابيءَ جون به شرنارٿي جيوت جون
ٻہ مشهور ڪهاڻيون آهن: "سرڳ ۽ نرڳ" ۽ "نالائق"
ٻنهي جي طرز به مونالاگ ۽ [خود ڪلامي] واري
آهي. پهرين ڪهاڻيءَ جي ٻڍاڙي ڏاڍي دردناڪ آهي.
انهن ناٽڪ ماستر موتيرام ڪئمپ ۾ سوري جي مرض
جو ٻڪ ننڍڙو سوان سنڌين جا لاش ڪڍي رهيو آهي،
جنهن هڪ سنڌس ڌيءَ به آهي.

"نالائق" ڪهاڻيءَ جو ناٽڪ شرنارٿي پنهنجي پيٽ
خاطر ۽ بيمار ڌيءَ جي دوا لاءِ پئسا ڪمائڻ ڪاڻ
ڪيلا وڪڻي ٿو ته ٻڪڙي پوليس ۽ هڪ ڏينهن جيل
ڪاڻ وقت سنڌس ڌيءَ پرلوڪ مري وڃي ٿي. وري
ريڙهي مٿان ڪيڙو رستي تي وڪڻي ٿو ته وري به
پوليس پڪڙيس ٿي.

گوبند جي "طوفان" ڪهاڻي ٻرپاري ڪهاڻي جو
مثال آهي. انهن ناٽڪ ٻڍاڙي ۾ جوي ليو، هڪ
زبردست طوفان اچي رهيو آهي...... جنهن ۾ عورتن جا
دک ڏوبجي ويندا. مطلب مان آڪ جا الا لڪيرندا،
ظالمن کي ختم ڪيو ويندو........" اهي ڪهاڻي

”مڇهيل سستي“ ۾ گوبند مالهيءَ ۽ واپار جي منديءَ
جي پس منظر ۾ هڪ سنڌي شاهوڪار کي مڇل
زندگيءَ جو داستان ٻڌايو آهي جو اڄ ۳۰ سال بعد به
حقيقي پيو ڀاسي. ”ڪرشن اگري“ ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ
پيار ۽ ڪلا تي سهڻي گفتگو ۾ چٽر چٽيو آهي ۽
”ڪلمڪ“ ڪهاڻي ۾ گوبند ذاتي پاتي خلاف آواز بلند
ڪرڻ واري هڪ پاڪ ۽ بهادر ڇوڪريءَ جي تصوير
ڏني آهي.

مالهيءَ جي ”سون جي ڪهاڻي“ سنڌ جي لڏپلاڻ
۽ ڀارت ۾ پنڪڻ جي تفصيلوار تصوير آهي. ڀاڙي
ته ٻيتر به ٻکارندڙ آئس، جڏهن ليکڪ ڇپيو ته
ڪهاڻيءَ جي نائڪ نوبتداس جي ماءُ جي مرڻ تي
جوڙس پار ڪيڻ لڳي ته ٻنس ڏاڏيءَ کي پڪارڻ لڳو
پر نوبتداس جي اکين ۾ آنسون نه آيا. دک جي انتها
آنسن کي ته ڇا خون کي به خشڪ ڪري ڇڏيو هو“.
”اها به هڪ ڪهاڻي“ مالهيءَ جي انڪار منجهس تي
ڪامياب ۽ مشهور ڪهاڻي آهي. ”اڳتي قدم“ ڪهاڻيءَ
۾ سنڌي جوانڙيءَ کي ذاتي پاتي جي مرض ڪري
هڪ مرهٽي سان پرڻجل ڏيکاريل آهي، جنهن کي مرامسڪ
پيار ۽ همدردي قدم سڏيو ويو آهي. سندس ”اڏري وڃ
ڪوئل“ ڪهاڻي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي ڪهڻدڙ ونڊمالن
پابند آهي. اها پهاڙي سنڌي سماج پرڇاري آهي.

جيئن ليکڪ چوندو، "سندن اهو گندو ننڍو اختيار
ڪرڻ جي جوابداري سرمائيداري طبقيوار سماج تي آهي
هئي، جنهن دنيا کي ظالمن مظلومن ۾ تقسيم ڪي ڪيو؟
۽ ڇا...... گھمنڊ ۽ نشانون ستمگر سماج جي ظلم جو
شڪار نه هيون؟...... انهن جو وجود هن سماج تي ڇا
لڪي طنز نه هو؟" هي ٻه ڪهاڻيون "زندگي" مخزن ۾
ڇپيون هيون.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ان دور جي سڀ کان مشهور ۽
ڪامياب ڪهاڻي آهي "چنڊونئي"، جنهن ۾ شاهوڪاري
ائين ۽ عياشيءَ تي طنز ڪيل آهي. سندس ٻيون
سماجڪ سقل ڪهاڻيون آهن: "اڇي" "سانوري ڪنوار"
۽ "ٽنڊ ۽ ٽلاءُ"، جن مان پهرين ٻي ٻاڪ ڇوڪريءَ
جي ۽ ٻي بهادر ڇوڪري جي پيار جي شادي جي
ڪهاڻي آهي ۽ ٽين ٻنهي ڀتن جي وهنوار جي
ڪهاڻي آهي.

ڪيرت جي اِي هڪ ڪهاڻي "اڳتي قدم" ۾
جوان ۽ جواڙيءَ جي پيار بابت آهي، پر اُن واقعي
پس منظر ۾ آهي نه پرچار ۾ آهي. جيئن ٻڌايل ۾
ٽالڪ ٽانڪا کي چوي ٿو، "نوڪري ڪيئن ڇڏيندس،
نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ نه مان جدوجهد ڪندس. اهڙا
دنيا اڏيندس، جتي نوڪري مولڪان ڪم جدا نه ڪري
سگهي، انساني محنت کي ڪم نوڪر نه هلي سگهي.

جهڙي اسان چاهيون ليڪن انسان جي زندگيءَ جي حسرتن مان ڪير ڪٿي ڀڄي سگهي." اهڙي پرچاري ٻولڙي "پاڪستان کي الوداع" ڪهاڻي جي ٻ. الس. جنهن ۾ ليکڪ چوي ٿو ته "ڪنول ۽ گهنشام وچ ۾ هڪ انهن مزدور - برادري، عالمگير برادري قائم ٿي هئي جنهن ۾ ممالڪ هئي زندگيءَ مان محبت، زندگيءَ لاءِ جدوجهد ۽ زندگيءَ لاءِ آئندر سوچ." اهڙي نموني جي ٻولڙي هن "انهن جگهه جــو ڪلاڪار" ڪهاڻيءَ ۾ ڏني آهي، جنهن ۾ چين جي انقلاب مان انهن صبح جـي سوچ جو انساهه ڏيکاريل آهي. پر "هـــوءِ" مجموعي ۾ اهڙا پرچاري ٻولڙي بدلائين.

سڀني آهوجا جي بهترين ڪهاڻي آهي "پاڙيسري" جنهن ان وقت آنند گولاڻيءَ جي ڪهاڻي "اپرشا" مان ڪل انعام حاصل ڪيو هو. اهڙا سنڌي هندو مسلمان جي دوستيءَ جي ڪردار ليکاري واري ڪهاڻي آهي. هن جون "اي آگ جلن تا پروانا" ۽ "اي اـوُر شمع" پيار ۽ جنس جـــو ڪلهو اظهار ڪندڙ ڪهاڻيون آهن. پهريان ڪهاڻي جي ٻولڙي ڪجهه پرچاري ليکي ٿــي جڏهن ليکڪ چوي ٿو، "ء پروانا؟ جلندا رهيا ٻهڪندي ٿـي آگ ۾، اي اـور شمع جي آغوش ۾، اي آگ جلندا رهيا، جلندا رهن ٿا. اي آگ جلن تا پروانا." اي ڪهاڻيءَ ۾ اـــ ٻولڙي ۾ سچو صاف عصمت فروشي

پاڻ لاءِ ڇڙ آهي. سگن جي "سڄو اُوت جو پاڇو" ان دور جي اهڙي اُتم ڪهاڻي آهي. ان ۾ هڪ اُهو. ٻيو. ٻرڳٽي جي هڪ شهر ۾ رهندڙ ان سنڌي شرنارٿيءَ جي آجيوڪا ڪمائڻ جي ڪشمڪش ڏيکاري آهي، جيڪو پاڻ نه ڪولي ۽ مزدور ٿئي ٿو، پر زالس ۽ ماٽس به گهر خرچ جي پورت لاءِ پيڙاون پڌڻ جو ڪم ڪن ٿيون.

ڪرشن کٽواڻيءَ هن دور ۾ سنڌي جيوت تي هڪ ڪامياب ۽ مشهور ڪهاڻي لکي "اٽل زنجيرون"، جنهن ۾ ڪئمپ ۾ رهندڙ اَن ٻهراڪ ڇوڪريءَ جو چٽر چٽيل آهي، جيڪا ڏيٺي ليٽي ڏاڻ جي سگهه لاءِ سانڍيندڙ ماڻٽن جو خيال ڪري شادي کان انڪار ڪري نوڪري ڪري ڪنهن مدد ڪري ٿي. هنجي ٻي ڪهاڻي "زندگي ۽ موت" ۾ رڳو سنڌ جي ڳوٺن جو ٿورو ذڪر ڪيل آهي. پر ان ۾ وچ لوڙي پيڙهيءَ ۾ پرچار نه آهي.

هن پنڌي جي به ان دور ۾ لکيل ٻن ڪن ڪهاڻين مان ۳۰ سال اڳ جي چيل هڪ ڪهاڻي "جيون ساٿي" جي ڀيڙي پرچاري آهي، جنهن ۾ جهوليءَ سماج ختم ڪرڻ ۽ نئين سماج اڏڻ جو وچار ڏنل آهي. پر هنجون ٻيون مشهور ۽ مقبول ڪهاڻيون آهن: "واچا"، "واڪ آلومت"، "او چري"، "اٽل آري"، "ٻاليءَ جي تلاش".

ٻهڙان ان ڪهاڻين ۾ سرڪاري اسرڪوشاهيءَ جي

او گهڙ کندي هوڏدار ۽ ڪمزور ملازمن (جن ۾ سنڌي ڪلارڪ به آهي) جو چٽر آهي ته پوءِ ان ڪهاڻين ۾ پٽي پٽنيءَ جي رشتن ۽ شاديءَ جي سوال تي روشني وڌل آهي. پر هنجي "انسالي جندو" ڪهاڻي "سميڪت مهاراشٽر" جي الڳ صوبي جي هلچل جي پس منظر ۾ سنڌ جي ياد جي تصوير آهي.

پر هن ترقي پسند اديبي هلچل جي پاليسي ليکڪن جون ان دور ۾ سنڌي جيوت بابت پيون به آکاڻيون لکيل آهن. هن ليکڪن ٿي پهريون دفعو سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سماجوادي حقيقت نگاري پيش ڪئي. هن ليکڪن جي مٿي ذڪر ڪيل ڪهاڻين مان گهڻيون "نئين دنيا" مخزن ۾ ڇپيل آهن.

ورهاڱي بعد پيدا ٿيل پهرين ٽهيءَ مان مولي پرڪاش جي "گهر گهر جي ڪهاڻي" ڪئمپ ۾ ٿيندڙ شرڻارٿين جي موٽن سان گڏ ڏيتي ليتيءَ ڪري شاديءَ ڪان واجهندڙ ڪنوارن جي ڪهاڻي آهي. البت پهاڙي ڪجهه پرچاري آهس. پر هنجون اوقت سنڌ جي ياد ۾ لکيل ٽي خوبصورت ڪهاڻيون آهن: "زندگي"، "رحمون موالي" ۽ "منهنجو ڳوٺ".

موهن ڪلپنا جون ۱۹۵۲ ۾ نئين دنيا ۾ ڇپيل مشهور ڪهاڻيون آهن: "سوڻان" ۽ "مگڻي جي لنادي". پهرين ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سنڌي ليکڪ - واٽر جي تصوير آهي

جو ٻڌجي ايمان جو ٻڌلو ڇڪائڻ لاءِ مالڪ کي چماٽ هڻي مزدور ساٿين کي سڏمان ۽ مقابلي جو سنيهو ڏئي ٿو. ٻي ڪهاڻيءَ ۾ خانداني ڪوڙي شان ۽ جهوني بيڪار رسم کي ٽوڪر هڻيل آهي. سندس ٽين اهم ڪهاڻي آهي "جهلڪ" جيڪا محبت ۽ مفلسيءَ جو ٽڪرائيندڙ چٽ آهي. ان جي ٻولي به عاليشان آهي، جنهن ۾ ٻرپتما، ٻرپتم کان طلب ڪيل لفظ "ٻان" ٻدران ڪئمپ جي شرنارٿي ٻالڪ کان خريد ڪيل بسڪوٽ ملڻ تي، ان کي هرشچندر طرفان وشوامتر کي ڏنل راڄائي دان کان به وڌيڪ ٿي سمجهي.

ڪلپنا جي ان وقت جي ٽين اهم ڪهاڻي آهي "ٻه پاسا" جا ورهاڱي ۾ ٿيل ساهت سمان جي پس منظر ۾ لکيل آهي. ان ۾ سندو ڪر جي مکيءَ جي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت لاءِ مانيلي ورتاءَ ۽ هڪ مفلس سنڌيءَ جي سنڌيت لاءِ سڪ جو فرض ڏيکاريل آهي.

سندري اتمچنداڻيءَ جي ١٩٥٢ ۾ ٻهرون انعام کٽيل ڪهاڻي "ممتا"، هند - پاڪ جنگ جي پس منظر ۾، اُن جي اهميت تي لکيل ۽ سنڌي جيوت ۾ ڦهڪايل مشهور ڪهاڻي آهي. اُن سال جي سندس آهڙي ئي اهم ۽ اُتم ڪهاڻي آهي "انقلاب"، جا ١٦ ليکڪن جي مجموعي "لاٽ" ۾ ڇپيل آهي. پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻيءَ پنهنجي سال ورڇ ۾ ان ڪهاڻيءَ کي سڀ

ڳنڍڪي جي ڀٽراڻ ڪهاڻي ڪوٺيو آهي ۽ ان ۾ ٽماٽش
ڪيل وچولي طبقي جو هيٺين طبقي سان ملي جلي
سگهڻ جي مسئلي کي اهم سماجڪ مسئلو سمجهيو آهي.

ليڪن وچولي طبقي جي راس واري موضوع کي
هن ڪهاڻيءَ جي پٺ ۾ وڏيڪ ڪلاڪاريءَ سان
سمجهيءَ پڌري ٿي ڀٽراڻ ڪهاڻي "ڪوشان" ۾ نباهيو
آهي. جنهن ۾ ١٩٥٤ ۾ "ڪهاڻي" رسالي جي چٽاڀيٽيءَ
۾ پهريون انعام مليو هو.

ان دور ۾ اسرائيل ترقي پسند ليکڪن ۾ سنڌريءَ ٽي
سنڌي جيون جي پاليت پهلن تي گهرو محاوريدار
اصطلاحي ٻوليءَ ۾ سٺيون گهڻيون ڪهاڻيون لکيون
آهن. جهڙوڪ پوري (پاڻڙن واري محبت جي ملڪا جو
ٻي ٻاڪ ڪردار) ڪيمو (هڪ پشرت جي امداد لاءِ تڙقندڙ
پتيمر) املهه. ماڻڪن جو واپار (مڱڻي ۽ ڏيتي ليتيءَ جو
چڪر) ٿلهي (ڪوکلي ۽ ڏيکاءُ جي پٺاڻي) روشني (سس
جي ستم خلاف بغاوت ڪندڙ ٺهن) چوٽ (عياشي ۽
پرشٽاچاري مدوليءَ جي اوگهڙ) ڪشمري ساڙهي
(ايشيائي ليکڪ ڪانفرنس ۽ سنڌي ليکڪ) ڪيالر-سمالو
(جهولي ۽ ٽيڙن پڙڇيءَ جو ذڪر) پنڌن (پٽي پٽيءَ جو
رشتو) سنڌوءَ جو روپ (سنڌيت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي
سڪ). هن سان ڪاني ڪهاڻيون ۽ ٽن ٻولين ۾ به
ڇپيون آهن، ۽ "پنڌن" ڪهاڻي ته دنيا جي ١٥ ملڪن

ليکڪائن پرل ڪ، ڪشور منشا ڪلاب، ماري ليکي، ايلسا مورانتي، گروزوالا، آمرتا پريتم، ڪرشنا سوبتي، جيلاني بانو وغيره جي ڪهاڻين سان گڏ هندي ڪتاب ۾ به ڇپيل آهي.

سندريءَ وانگر ان دور جي ٻين ليکڪائن تارا ميرچندائي، ڪلا پرڪاش ۽ پوپٽي هيرانندائي به سنڌي جيون جي ڪهاڻين تي قلم آزمائي ڪئي.

تارا جي مشهور ڪهاڻي ”گونگو“ شرنارٿي ٻالڪ جي پورهيت ۽ ٻال تي پاڙ جي ڪهاڻي ٣٠ سال کن اڳ لکيل هوندي به اهم آهي. سندس ”ديوار“ ڪهاڻي هندو مسلم ايڪتا جي ”جوش ۽ هوش“ آڌ محبت جي انگورن جي ڪهاڻي آهي. ”هو نه آيو“ ۽ ”سهڪار“ پتي پتنيءَ جي رشتن جون ڪهاڻيون آهن.

ڪلا جي ”خاندان“ نه سنڌ جي سار جي يادگار ڪهاڻي آهي. ”هيءَ ڪهڙي لکي هوا“ عمر کان اڳ رنڊي ٿي ويل ابلا جي ڪهاڻي آهي. ”اڇا ۽ ڳاڙهي ملهاءِ“ ۾ ٻار ايڪ ماري ذات وار ملهائڻ تي چوٽ هنيل آهي. ”ڏوهي پيڙهي“ وري غريبي ۽ ڪسمپرسيءَ جي تصوير جي ڪهاڻي آهي. ”سپنا آهن سپنا“ پيار ۽ شاديءَ جي مسئلي جي ڪهاڻي آهي ۽ ”انڪار آهن؟“ هڪ اڻپڙهيل ماءُ جي ٻچن کي اوڪر هٿان ٻار ڪمائيندڙ سرمان پسند ماءُ جي ڪهاڻي آهي. هي

سڀ دل کي ڇهندڙ ۽ دماغ کي ڌوڏيندڙ ڪهاڻيون
آهن.

هو ٽيءَ جي هڪ شروعاتي مشهور ڪهاڻي آهي ”ڪسڪڻي“ جا هڪ اسڪولي ٻالڪيءَ جي مدوگيانڪ تصوير آهي. ان دور ۾ ڇپيل ٽن ڪهاڻين جي مجموعي ”ٻڪار“ ۾ ليکڪا ترقي پسند ليکڪن جي اڳش قدمي ڪٺي آهي ۽ شاهوڪار، وچولي ۽ مزدور طبقن جون ٽي ڪهاڻيون ڏنيون آهن. ”انسانيت جو موت“ شاهوڪارن جي انسانيت جي پاولا جي موت جي تصوير آهي ته ”روئندڙ ٽهڪ“ اوچ ۽ غريب طبقن جي وچ ۾ سنڌيءَ وچ ٽيل وچولي طبقي وارن جو چٽر آهي ته ”ڌور جو اڏامڻ“ غريب مزدور جي بدليل مدورتي (جنهن کي ليکڪا ”مٽيءَ جي بغاوت“ ۽ ”انقلاب جو آهڃاڻ“ چيو آهي) جي ڪهاڻي آهي. ته ٽنهي ۾ ڪلا گهٽ ۽ پرچار وڌيڪ آهي. هو ٽيءَ جي ان زماني جي هڪ ڪهاڻي آهي ”ڦٽن چراهو“ جنهن ۾ پاڇائيءَ جو ڏهر کي ڏک ڏيڻي چراهو ڪرڻ جو چٽر آهي. جيڪو پاڇائيءَ لاءِ ڌڪار جاڳائي ٿو.

ڪرشن راهيءَ جي سڀ کان مقبول ڪهاڻي آهي ”پرواو“ ان ڪلپنا ڪٿمپ جي هڪ چالاڪ واري جو خود دار ڪردار ڏيکاريل آهي. سندس اها ڪٿمپ جي جيوس جي ڪهاڻي آهي ”چالورن وارون ماڻون“.

هڪڙي "عرس ڪپڙي اڏاري" ۽ "مسافري" ڪهاڻين ۾ مذاقي نــوع ۾ ڏيکاءُ ۽ شادين لاءِ شوق جي اوگهڙ ڪيل آهي. پر راهيءَ جي اُن سمي جي خاص واد وواد واري ڪهاڻي هئي "مان غلامي ۾ ڪٽيندس" جا لڳين ڏاڍا ۾ ۱۹۵۲ ۾ خاص ڪهاڻي پوڇي ۾ ڇپي هئي. ان ۾ وچولي ۽ هيٺين طبقي جي رشتن جو چٽو چٽيل ڏيکاريل آهي، جيڪا پرچاري لڳي ٿــي. اڪري ٿي اهـــا ڪهاڻي پنهنجي مجموعي "اُڙڪ ۽ مرڪ" ۾ ڇپائڻ وقت راهيءَ پڇاڙي بدلائي هئي.

چيتانند لـــاب جي ڪهاڻين جي خاصـــي ٿي آهي سندونگر (جنهنکي انوقت ڪليان ڪئمپ ڪوٺبو هو) جي هيٺين طبقي جي تصوير ڪشي، جيئن "لـــوان بـــورهيمت"، "روٺـــي"، "لٿڙو قيدي"، "مقابلو"، "بک" وغيره ڪهاڻين مان ظاهر آهي.

ڪشور ٻهوجا جي ان وقت جي ڪئمپ جـي زندگي جي هڪ مشهور ڪهاڻي آهي "شڪن پنمان" جنهن ۾ هڪ ٻالڪ جي محنت ڪري پيٽ پالڻ جي تصوير آهي.

سندونگر جو هڪڙو اڌارڻ ٻارڻي جي سند جي ٻار ۽ سنديـــس جي سڪ وارـــن ڪهاڻين "ڪلهر"، "دستاويز" ۽ "سندي" مان ۽ ملي ٿو ۽ موهنلعل جي "محنت زنده آهي"، "ڏاجي والمان" ۽ "ٿاجو" مان

۾ ظاهر آهي. ڪتاب جي داستان واقعات جو چٽو نقشن پرسواڻي جي اُن ڪهاڻين "راه صاحب" ۽ "جهونجهاڙي" مان ۽ ملي ٿو. جهڙوڪ الهن جون وشنون نرالهون آهن.

گوورڌن پارتي جي ان دور جي ڪهاڻين ۾ وري اجمير ۽ دهلي جي سنڌين جي جيوت جي تصوير ملي ٿي. جيئن "مان رونٿو آهيان" جنهن ۾ مڙو مڙس ۽ مرده دل سس جي سوارٿ جو چٽ چٽيل آهي. "سماج جي آرسي" وري ذاتي ليتيءَ جي ڦهري ڪهاڻي آهي. "واهه ڙي ٺڪرراج" وهمن پرمن کي پورادڙ سوڪ سنڌيءَ ۾ سٺي مذاقي ڪهاڻي آهي. پر انهن سڀني کان سٺي گوورڌن جي ان وقت جي لکيل ڪهاڻي آهي "پنهنجو پرائو" جنهن ۾ سنڌ هند جي سنڌين جي سڪ ۽ سنڌيت جو دردناڪ چٽو ڏنل آهي.

لوڪناٿ جيٽلي جهڙي ترقي پسند خيالات واري ليکڪ تي نه ٿوري پسندن جي سنڌيت جي وڃارن ۽ صحبت جو اهڙو اثر ٿيو جو سنڌ ۽ مسلمانن جي ياد ۾ لکيل پوليءَ وارن ڪهاڻين جو سڄو ڪتاب "وساريان نه وسرن" ڇپايائين.

سنڌ جي ٻاد ۽ سنڌ ٻيٽ* لاءِ ڪهاڻيون ان دور ڪاڦوهه گهڻن ليکڪن طرفان ڪافي لکيون ويون آهن. انهن مان ڪي مکيه آهن: ڪرشن جي "محمد رام"، سندريءَ جون "ٻکي سوڙهيو ٻنڌڻي"، "جيئن وارو"، "ٽوجهن جي ڳالهه"، "معصوم التجا". ڪلپنا جو "وطن"، ۽ "ٻاوا". ڪرشن کٽواڻيءَ جون "مان راجا"، "آشا" ۽ "سانئين"، ۽ مالهيءَ جي "احسانمندي". پروفيسر پنجواڻيءَ به هڪ ڪهاڻي "محمد گڏيءَ وارو" لکي ورتي.

ورهاڱي کان اڳ واري آخرين ٽهيءَ ۽ ورهاڱي بعد پهرين ٽهيءَ جي ڪهاڻيڪارن اُن دور بعد سنڌ ٻيٽ وارن ڪهاڻيون لکيون، پر انهن مان ڪثرن تي هِن ٢٠ سالن ۾ سنڌي سماج جي ترجماني ڪندڙ ڪامياب ۽ ڪلاڪاريءَ وارن ڪهاڻيون نه ڪافي لکيون آهن، جن ۾ خارجي لوڙهي داخلي تصوير به آهي.

نه رڳو هن ڪهاڻي لوبسن پر هن ڪاڦوهه پيدا ٿيل ١٩٦٠ ۽ ١٩٧٠ وارن ٻن ٽهين وارن به سنڌ ٻيٽ ۽ سنڌي سماج جو چٽ چٽيل ڪهاڻيون، ٻنڌڻي ٻنڌڻي ٻولڪ ۾ لکيون آهن. سنڌ ٻيٽ وارن اهڙين ڪهڪ

---

*سنڌ ٻيٽ جي ڏارا وارن ڪهاڻين تي خاص الڳ ليک پڙهو ليکڪ جي ڪتاب "سنڌي ساهت" ۾.

مشهور ڪهاڻيون آهن: وشنو ڀاٽيا جون "نصرپور واري ماسي" ۽ "زمين کان آڏو هل" جي سنڌ جي سڪ جو جذبو جاڳائين ٿيون. حقيقت ۾ وشنوءَ جو سڄو مجموعو "ديوار ۽ ڪاس جا پنا" سنڌيت جي ڪهاڻين وارو آهي.

ايشور چندر ان جذبي کي ٻئي نموني "ملڪيت" ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. ان جو نائڪ مهاجر آهي جو سنڌ کان اجمير ۾ پنهنجي ڇڏيل مڪان ۾ لڪايل ملڪيت ڏسڻ اچي ٿو. جتي وري سنڌ مان لڏي آيل سنڌي رهن ٿا. پنهنجي ۾ وطن جي حب آهي ۽ ورهاڱي جا واڳا ڀڪا محسوس ڪن ٿا.

ڀڳوان ٽلواڻيءَ ورهاڱي جو واڳو ۽ ان کان اڳ جي هندو مسلم محبت جي تصوير تمثيلي نوع ۾ "ڀڪي پرڏيهه ۾" ڪهاڻيءَ ۾ ڏني آهي. اهڙي ٿي سنڌيت جي سڪ ڀڳونتي ڪڪڙيجا جي ڪهاڻي "ڏيهي پرڏيهي" مان به اڀري ٿي.

لکمي کلاڻيءَ وري ڪلڪتي جي شاهوڪار سنڌين جي سنڌيت جو پروگرام ڏسڻ جي چاهه جو چٽو "پاڙ جي چوٽيءَ تي وڻندل ماڻهو" ۾ چٽيو آهي جنهن هڪ ٽين ليکڪ اوبل. آر. وي. سنڌو لکو جي اهڙن شاهوڪار سنڌين جي سنڌيت جي پروگرام لاءِ چاهه نه هئڻ جي اوگهڙ "مٽي جو ڍڳو" ڪهاڻيءَ ۾ ڪئي

آهي. اهڙي ئي اوکهڙ اميري جي سنڌڻ جي اڳواڻي
ڪڪڙيا "سانجهداس جو سنڌ ڪو" ڪهاڻيون ۽ ڪهاڻي
آهي. ڪملا راجهپال وري ناهبهوي ڪهاڻيون "اصليت"
۽ اهڙن سنڌڻ جي دل ۾ سنڌي ادب لاءِ چاهنا وري
سڪ جو ذڪر ڪيو آهي.

سنڌ و چانڊ واڻي "منهجي جنجهل" ڪهاڻي ۽
سنڌي ٻولي ؟ انهي لاءِ ترب جهڙي اصول جهڙي آهي ا
اهي هڪ ليکڪ سنڌر هيمراڻ "شڪري جهجهڙام"
ڪهاڻي ۽ انڪلوڊ ۽ رهندڙ هڪ سنڌ و انگر واسع جي
ڪردار انگاري چنڊدي سنڌي ٻوليءَ جو مڪاني ماڻهن
۽ ٽول ڦهلڻ ۾ ذڪارڻو آهي.

جنڊي لالواڻي "دري مان" ڪهاڻي ۽ ناريس ۽
جاول هڪ سنڌي اسار جو ڪردار ناهس ڪيو آهي،
جنڪو ٻانڙ وڪڻندي سنڌ جي ٻاڌ جا هوڪا ناهو ڏاي.
هو اسد راج ٻلواڻي وري "آهواي" ڪهاڻي ۽ ڪڙمڻيا
وڪڻندڙ سنڌي ٻالڪ جي ڏال آهوايءَ جي ناس منظر
۽ سنڌي جاتيءَ جي ڦرااي ٻڌالي آهي.

ڪرشن چٽلاڻي سنڌيت جي وشه ڪئي "هن ناو ۽
سنڌي، هن نار ۽ سنڌي" ڪهاڻي ۽ اوڪي لمولي
لباهيو آهي. ڪلڪتي جي هڪ مسلم ڪالوني
جو ڪردار ڪالهه، جي سنڌي ناٽڪ ۽ ناٽڪا جو رول
ڪندي سنڌي شاگرد ناٽڪ اي مرڪ مارڻ امد مطالف

ماڻهن کي مڃائي شادي ڪري ٿي ۽ سندي سگهي ٿي ۽ گانڌي ڌام پرسان سنڌ جي سرحد وٽ وڃي رهي ٿي.

هنن ان پڙهين جي ڪهاڻي ۾ انهن سنڌيت ڪا اسواءِ سنڌي سماج جا ڀانت ڀانت جا چٽ پيش ڪيا آهن. انهن ۾ ڪڏهن بک ۽ غريبي، ڪڏهن محنت ۽ مجبوري، ڪڏهن ڏيتي ليتي ۽ شادي ۽ ڪڏهن پيار ۽ انساني رشتا، ڪڏهن پاکنڊ ۽ ڀروپ، ڪڏهن شاهوڪارشاهي سرشتي جي اوگهڙ ۽ ڪڏهن عام هڙتال ۽ گوليبازيءَ جي ۽ ڪهاڻي ڏنل آهي.

مفلسي، محنت ۽ مجبوري وشين تي ايشور چندر جون ڪهاڻيون آهن "ٻهڪندي ئي گهر ۾" ۽ "هبس"، ساري پدم جي "لٽون ڪمرو"، سنڌو چالبواڻيءَ جي "هيءَ ۽ هڪ زندگي".

ڏيتي ليتي ۽ شاديءَ جي مسئلن تي لکمي کلاڻيءَ جي ڪهاڻي "فيصلو"، وشنو ڀاٽيا جي "نفرت جي ٻل"، ايشور چندر جي "پليٽفارم"، لڇمڻ ڀاٽيءَ جي "مجبور گهڙيون"، ڀڳوان ٿلواڻيءَ جي "وارن ۾ الجهيل ماضي".

انساني رشتن تي لکيل ڪرشن کهڙچنداڻيءَ جي ڪهاڻي "ڏارون"، ڀڳوان ٿلواڻيءَ جي "وڻ جهڙو ڪمل ڏار" ۽ وشنو ڀاٽيا جي "ڦوڪٽ وارو".

پاکنڊ ۽ ڀروپ تي لکمي کلاڻيءَ جي ڪهاڻي

"هڪ ٻيو سرءُ" ۽ وشڻو ٻانيا جي "برهم گيالي".

اڄ جي شاهوڪار شاهي ۽ بد انتظام سرشتي کي ٻي نقاب ڪندڙ ڪهاڻيون آهن: لکمي ڪلاڻيءَ جي "ساٿاڻي" جهڙا مٿين طبقي جي سماج جي لڪميهڙي جو نهايت خوبصورت چٽ آهي. تنهن ايڪ اهل. ناگراڻيءَ جي ناڙي ڪهاڻي "اڄا رات باقي آهي" ۾ هن بيڪار سرشتي بدران نئين سماج ٻاهت سوچڻ جو تصور پيش ڪيل آهي. آخر ۾ چيل آهي ته ڪاري رات تي اوڀر مان لال لهوءَ جي لالاڻ جهلڪا ڏيڻ لڳي هئي. ان مان پرچار ظاهر آهي.

ٻڍاڙيءَ ۾ لکمي ڪلاڻيءَ جي ناڙي "اڄ جا مرد ٻاڇا" ڪهاڻي جو مثال ڏيندس جنهن ۾ ڪلڪتي ۾ عام هڙتال ۽ گوليبازيءَ جي ڪري ڦهليل ٻپ ۽ سچ جو جيڪو سنڌي واپارين تي اثر ٿئي ٿو، تنهن جو چٽ چٽيل آهي. هيءَ اهل. ناگراڻيءَ جي لکيل ڪهاڻي اٽين پيئي لڳي جڏهن ٢٥-٣٠ سال اڳ ترقي پسند ليکڪ جي لکيل آهي. هنن مثالن مان صاف ظاهر آهي ته ترقي-پسند ليکڪن سان گڏ ٻين ٻانهڻن ۽ واپارن جا ليکڪ ته ساڳين موضوعن تي ٻهڪجي نسرالي. پيلڪ ۽ تنهن زماني جي اقتضا موجب سنڌي راڻڪيءَ جي ترجماني ڪندڙ ڪهاڻيون لکي سنڌي ڪهاڻي جي سٺي پرمپرا کي هلائي رهيا آهن ته ان ۾ ٻههچو ـــ اهاو

ڪري رهيا آهن.

جيئن هند ۾ تيئن سنڌ ۾ به ورهاڱي بعد وارن سڀني ليکڪن جي ڪيترن ئي ڪهاڻي نويسن سنڌي زندگيءَ بابت ڪهاڻيون لکيون آهن. انهن مان ڪي مکيه آهن: نجم عباسي، امر جليل، نسيم کرل، غلام نبي مغل، قمر شهباز، آغا سليم، عبدالقادر جوڻيجو، طارق، علي بابا، ماڻڪ، منير ماهتاب محبوب، عبدالحق عالماڻي، ظفر حسن، حليم بروهي، ممتاز مهر، خيرالنسا جعفري، مدد علي، هدايت پريم، شوڪت حسين شورو، نسرين جوڻيجو، تنوير جوڻيجو، نورالهديٰ، ملڪ آگاڻي، شرجيل، ڪيهر شوڪت، زيب سنڌي، قاضي خادم، محمد دائود بلوچ، بادل جمالي وغيره.

نجم عباسيءَ لڳاتار گهڻي ۾ گهڻيون سنڌي جيوت جون ڪهاڻيون لکي سنڌ ۾ سڀني جهونن لوڙي نئون ڪهاڻي نويسن کان گوءِ کڻي ويو آهي ۽ هن اڳيان هڪ نڌر لائق مثال به قائم ڪيو آهي.

جهڙيءَ طرح هندي ڪهاڻيڪارن پنهنجي جنم ڀوميءَ سنڌ ۽ مسلم پاڙن جي قرب جون ڪهاڻيون لکيون آهن اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ وري هندن جي ياد يا مهما جون ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. ڪي مکيه آهن: جليل جي "هولي"، عبدالرزاق راز جي "ڪاڪو امرت"، نجم عباسيءَ جي "بلدي"، ثمره زمان جي "وطن"،

طارق اشرف جي "ڏاهپ پر ڏاهپ"، مـــدد هاڪيءَ جي
"ٻڪا ٻڪن سان اڌي واٽ"، شيخ عزيـــز جي "مڇڻهل
ليڪون"، اور الهڏنو شاهه جي "مهڙجو من پٺيور".

نوري ۾ هند لوڙي سند ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي
جيوت ٻڌائي پٽيل آهي. نه فقط اتر ۾ هتي ٻاهر
۾ نه پڙهن ۽ پڙهندڙن جي ڪن ليکڪن جـــي سنڌي
جيوت ۽ ڪردارن واريءَ ڪهاڻيءَ جي اهميت گهٽائڻ
۽ ڪل آڌانڊ جي ڪوشش جي باوجود، اهڙي ڪهاڻي
لکڻ بند نه ٿي آهي، جا اون ليکڪن ۾ لکي آهي نه
سنڌي ٻيتين کان پري رهندڙ ليکڪن ۾، لکي آهي.
هتن ڏرتي ٻسند لوڙي ٻئن وهنار وارن جهون ۽ نـــون
ڪهاڻيڪارن سنڌي جيوت واريءَ ڪهاڻيءَ سان لـــــ
صرف پنهنجي جاليءَ ۽ ٻوليءَ جو فرض ۽ قـــرض ادا
ڪيو آهي، پر سنڌي ڪهاڻيءَ کي نه مال ۽ رومال جي
لحاظ کان اوچ ڏاڍي نئين زماني ۽ نئين شعور (چيتنا)
سان نه نباهيو آهي.